
سواد

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
لائبريري
سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو

بسم الله الرحمن الرحيم

EXCHANGE
OF
PUBLICATIONS



عالمي شهرت يافته مستشرقه، سنڌ شناسيءَ جي ممتاز عالم خاتون، پروفيسر ڊاڪٽر انيمري شمل جي تازه دوره- پاڪستان دوران، حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان سندس اعزاز ۾ ڏنل استقباليه دعوت جي موقعي تي ورتل تصوير (١- نومبر١٩٨٧ع)

ساڄي کان: محترمه ڊاڪٽر قمر واحد، جناب عنايت بلوچ ڊئريڪٽر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد،جناب مظهرالحق صديقي وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي، محترمه ڊاڪٽر شمل، جناب عبدالقادر انصاري وائيس چانسلر سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام، مسز ايم. ايڇ. پنهور، جناب ڊاڪٽر عبدالرحمان ميمڻ وائيس چانسلر مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي، جناب قاضي محمد اعظم ميمبر سنڌي ادبي بورڊ.

بيٺل:جناب نياز همايوني، جناب الياس عشقي، جناب ظفر ڪاظمي، جناب غلام شبير آگرو، جناب حميد سنڌي، جناب غلام رباني ڊئريڪٽر جنرل اڪيڊمي ادبيات پاڪستان، جناب عبدالحميد آخوند سيڪريٽري ثقافت ۽ سياحت سنڌ، جناب حسين شاه راشدي، جناب ايم. ايڇ. پنهور، مسٽر قاضي، جناب محمد حسين ترڪ، جناب نفيس احمد ناشاد ۽ جناب دادن خان جتوئي.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
لائبريري
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٣٦] [نمبر ٣

جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر

١٩٨٧ع

---

•

چيف ايڊيٽر

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

•

ايڊيٽر

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

معمور يوسفاڻي

•

انچارج ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ
اسٽيشن روڊ، ڄامشورو، سنڌ

The "MEHRAN", Quarterly
Vol: 36, No: 3, 1987.
[Established in 1955]

- An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
- Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi language and literature.
- Contemporary Creative literature, History, Civilization, Lexicography, Education, Music, Folklore, Archaeology and General Culture of Sind are the main topics of material usually published in this periodical.
- Besides translations of world literature are also presented.
- All correspondence about publication be addressed to:

Editor 'Mehran', Quarterly,
Sindhi Adabi Board,
@ Jamshoro, (76070)
Via: Hyderabad, Sind, Pakistan.
Tel: (0221) 71176

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

[سرورق: سنڌي ادبي بورڊ ۽ لهرايل مسجد شريف جو ڏيک.]
سلائيڊ: حسن علي عطار

خريداريءَ لاءِ خط و ڪتابت

مئنيجر بوڪ اسٽال
سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد (فون: ٢٤٢٦٤)

سالياني چندو: ٧٥-٠٠ رپيا    في ڪاپي: ٢٠-٠٠ رپيا

Printed & Published by Mr. Ghulam Rabbani A. Agro
at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Hyderabad Sind.

عشق آجهل اچي ڪيو اسان کي،
دين ڪفر کؤن ڌار ميان!

صاف صفائي سير اسان جو، رمز رندي رفتار ميان.
مستي موج جي منءَ کان ڪيا مهي، اناالحق اقرار ميان.
لنگ ناموس کان ويا مهي لڪري، سترها ٻرهه جا ٻار ميان.
بيخود هنيو مهي لينهن جو نعرو، ڏي 'نجف علي' نروار ميان.

— نجف علي

# شاعريءَ جو ڀاڳو

"هڪ باڪمال شاعر جي ڪلام ۾ فن ۽ فڪر جا ڪيئي متنوع پهلو ملي سگهن ٿا، جن تي صوري ۽ معنوي خيال ڳان اهو ڪلام مشتمل ٿئي ٿو. ڪٿي سوز وگداز ٿئي ٿو ته ڪٿي زندگيءَ جو رازو نياز ٿئي ٿو، ڪٿي حسن و عشق جي آويزش رهي ٿي ته ڪٿي زندگيءَ جي لاينحل مسئلن جي عقده ڪشائي ٿئي ٿي. ڪٿي زندگيءَ جا ڪيئي لطيف پهلو، رمزيت ۽ ايمائيت سان بيان ٿين ٿا، ڪٿي نغمهءِ عيش ملي ٿو ته ڪٿي صداي ماتم ٻڌجي ٿو. ڪٿي خيال جي ندرت ۽ جذبات جي شدت ملي ٿي ته ڪٿي محاڪات جي طلسم بندي ملي ٿي. ڪٿي ڪائنات جا اسرار واشگاف ڏسجن ٿا ته ڪٿي ماحول جي ترجماني ملي ٿي. ڪٿي منظر نگاري ۽ جذبات نگاريءَ جو خوش ڪن ۽ پرجوش انداز ملي ٿو ته ڪٿي تهذيب ۽ تمدن جا ڪارناما ملن ٿا ۽ ڪٿي باطل شڪنيءَ ۽ حق پرستيءَ جا خيالات ملن ٿا. بهرحال، شاعر ۾ ان جو غور ۽ فڪر، خيالات ۽ جذبات جي هڪ لامنتهائي دنيا تي حاوي نظر اچي ٿو.

— غلام محمد "گرامي"

مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ"

## ڪافي

ڏهنايون ڏاڍيون ڏيئي،
يار ڏياري ياد پرائي.

جاني مان جت اکيون انکيون، سيني اندر سڌيون سورهه سنکيون،
قرب ڪيا تن ڪيئي، سهڻي صورت ساهه سيائي.

ساڪي مصري ڳان وڏ گفتا، سي پڻ موتي سپ للاسُفتا،
ڪُتل" پرين جي پيئي، منهنجي ونن دل مفت وڪائي.

دردن دل ۾ ديرا لاتا، اڏسا آئڻ لئہ آتا آتا،
اينهن چڏيو آت اپئي، قرب واري جت آهه کهائي.

اي زر طالب مولا وڪائل، مالڪ جنهن جو رمز ۾ رائل،
لکن کروڙن ڪي ئي، زير ڪيائين سمجهي سچائي.

(۱۱- مارچ ۱۹۸۷ع، هالا)

تنوير عباسي

## نظم

ڪاوڙياسين - ڏار ٿياسين
پنهنجو پنهنجو رستو ڏيئي
پنهنجي پنهنجي گهر پهتاسين
گهر پهچي ۽ پڇتايوسين
لوريءَ دير پڄاڻان
پئي هڪٻئي کي ورچائڻ جي لئہ لڪتاسين
۽ وچ رستي تي ٽڪرياسين
۽ هڪٻئي کي ڀڪ وڌاسين
ڪاوڙياسين
۽ ورتاسين

## امداد حسيني

### ترائيل

( ١ )

مون اڄا ياد ڪيو هئي تہ اچي وئين تون
إي چمتڪار نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي
انگ ۾ رنگ ڀري ڪيئن رچي وئين تون
مون اڄا ياد ڪيو هئي تہ اچي وئين تون

تيلي ٻاريندي ٿي سچ جيئن مچي وئين تون
پيار آڪار نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي
مون اڄا ياد ڪيو هئي تہ اچي وئين تون
إي چمتڪار نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي

( ٢ )

مان ٻہ اهو، تون ٻہ اهائي ساڳي
ساڳيو شهر، گهٽيون ۽ رستا
ساڳيا سوڙ جدائي ساڳي
مان ٻہ اهو، تون ٻہ اهائي ساڳي

۽ اهي پاڻ تنوائي ساڳي
ساڻ هوندي ٻہ ٻئي تن تنها
مان ٻہ اهو، تون ٻہ اهائي ساڳي
ساڳيو شهر، گهٽيون ۽ رستا

## نواز علي "شوق"

●

مٿي هر شيءِ کان آهي مرتبو دل جو،
رهي ٿو ڇو جو توسان رابطو دل جو.

وفا لا آشنا، پابند رسمن جو، پلا سمجهي سگهي ڇا درد ڪو دل جو..
ازل کان مان ٿيس تنهنجو ۽ تون منهنجو، ٻين سان ٻيو پلا ڇا واسطو دل جو.
ڪهريو ٿي دل تہ ونڊجي قرب هڪٻئي سان، وٺيو توکي نہ ٻر هي فيصلو دل جو.
ٻري ٿئين تون تہ ويراني وڪوڙي وئي، ڪري وئين ختم سارو سوجهرو دل جو.
ويو راهِ وفا ۾ ٿي خطا لنجي، نہ پهتو ماڳ تي هي قافلو دل جو.

## مخدوم محمد امين ”فهيم“

# ڪافي

ڪڏ ڪا ڪهڙي ڪهار... وڻجارا
وڃ نہ ولهيءَ کي وَرَ تون وساري.

منهنجو تون ئي مٺا، ڄاڻي خالق خدا،
مهر ڪري مُنهنءَ تي، جانب ٿي نہ جدا،
ٻيڙا وجهہ مَ ٻار... وڻجارا... وڃ نہ خدارا مٺار ماري.

جيئري جدا تون ڪري، پيارل وڃ نہ پري،
منهنجي سوا تو سڄڻ، ساعت ڪيئن سري،
وارث وَر مَ وسار... وڻجارا... تنهنجي ٻيارا ٻيس ٻناري.

دلبر ديس ڇڏي، لالڻ وڃ نہ لڏي،
ڌاريڻ ڌار ڪري، ڇولي هيڻن ڇڏي،
پيارا ٻريڻ ٻار... وڻجارا... وڃ نہ خدارا ڪُٺين ۾ ڪاري.

تنهنجي تہ ٻيارا ٻريڻ، آخر ڌار سري،
آءٌ جدا ٿي مٺا، ويندس مفت مري،
هڻ هڻ هڻن نہ وسار... وڻجارا... دردمنديءَ جي دلڙي ۾ تاري.

آهي ”امين“ سدا، جهوريءَ ڄيءَ اندر،
لاهين مٿان منڊا، مون تان مهر نظر،
جُڏڙو جيءُ جيار... وڻجارا... تنهنجي تڪان ٿي سهڻل سهاري.

## "عنايت" بلوچ

### غزل

انسان ڀاڻ تي جي مهربان ٿي پوي،
هر درد بي پناهه جو درمانُ ٿي پوي.

جي لاز جي نگاهه جو احسان ٿي پوي، جيون جي رنگ روپ جو امڪان ٿي پوي.
هُن جي هجڻ سان سونهن ۽ سرهاڻ هرطرف، سنسار هن بغير ٿو سنسان ٿي پوي.
مذهب ۽ رنگ نسل جا ويچا وڃن هليا، انسانذات شل وري انسان ٿي پوي.
انسانُ جو ضمير جي بيدار ٿي پوي، ڪيڏو نه ڪائنات تي احسان ٿي پوي.

ٿوڪيرڪنهن جي واسطي جهوري ۽ جهڄي، جلي،
مطلب لئه هرڪو اڄ ٿو پريشان ٿي پوي.

## "تاج" بلوچ

●

دار تي رقص ڪن، منهنجا مارونڙا،
زهر مُرڪي پيئن، منهنجا مارونڙا.

شيردل، پيلتن منهنجا مارونڙا، جن ڪان ڏونگر ڏڪن، منهنجا مارونڙا.
جن ڪي سر سان ڪفن منهنجا مارونڙا، جي مري ٿا جيئن، منهنجا مارونڙا.
رت رتا رهن ڳهاءَ سينـي سٿن، پو ا، اڳتي وڌن، منهنجا مارونڙا.
هي جي اٿلي پون، ٽيون ڪناريون ڪنبن، صف شڪن، تيغ زن، منهنجا مارونڙا.
ائين مرڪي ملن جيئن مکڙيون ٽڙن، روح جن جا چمن، منهنجا مارونڙا.
ڳوٺ گولجار ڪن، روح سرشار ڪن، اهڙا گفتا ڪيڏن، منهنجا مارونڙا.

تاج هيڪر اچن خوشبو اوتي وڃن،
گلبدن گلبدن، منهنجا مارونڙا.

سدا رنگاڻي "خادم"

## رباعيون

دم دم ٿو لهين سار، سباجها سائين،
ڇڙو، ڪيئن چوان، مون ۾ سمايل ناهين؛
تو دل ۾ ضرور آهي. ٻنائي ڪا جاءِ،
جي ائين نه هجي، سڀ ڪجهه، ڪئن ٿو ڄاڻين؟

جانِ جانِ ۾ جانِ آهين، دل ۾ ايمان،
در تنهنجو مٿيندس ڪئن، اي جان جهان،
اهڙو نه سُجهي، ڦٽ جو ڇٽائي دل جا،
هر درد جو ويج! تون ئي آهين درمان!

ڪنهن هنڌ نه مسڪين جي حاجت ٿي روا،
خادم نه وري دل جي دکن جي ٿِي دوا،
مسڪيني، مجبوري ۽ ڦٽ جهونا،
داتا! نه سُجهي ملم سندءِ ٻاجهه سوا.

ڪيڏو به ڪٿي هجان گنهگار عظيم،
ڇا منهنجي بگاڙيندو شيطان رجيم؟
رحمت جو ڪري قول، ٻو خلقيو تو گناهه،
ڪهڙو نه ڪريم آهين، ڪهڙو نه رحيم.

ڪئن ٻار ٻڌين جا ڪٿي سر تسي دائم،
دنيا جي ڏٻڻ مان ٻچندس سالم؟
ڏا ٻاڦ ڇڏائڻ مان وڌ ڦاسن ٻير،
سائي ٿي خدا، تنهنجو ئي آهيان خادم.

ويجهو ٿي ونين ڪان ٻه اچين ڇو نه نظر،
هيڏو تون وڏو، ٻو به ايم ڪان خبر،
مر مون کي وڏي واکي ڪونين، مالڪا!
ڪئن ٻوڙو ٻڌي، ڪونکو وراڻي ڪنهن ٻر؟

## عبدالقيوم "صائب"

•

تون فقط ناهين مگر آهه دنيا خود غرض،
باده ڪش هو خود غرض، باده پيما خود غرض.

جن جي دم سان محفلون دم بدم رنگين هيون،
سي ئي پڌرا ٿي پيا، سي ئي لڪا خود غرض.

ظاهرا معصوم ها ليڪ اندر ۾ ڪُڌا،
يار پردن ۾ لڪل ها ڪيڏا خود غرض.

سڀ ڪي پنهنجي هٺي لڳل، محو سڀ ها پاڻ ۾،
هي غلط آهي ته هو ڪل ئي تنها خود غرض.

جن تي خود ساراهه جا وڪ پريا سي ڪئن ڦريا،
منهن تي ايندي ئي ڪيا پار ايڏا خود غرض.

ڪين نه طوطا چشم ٿي، هو اکيون ڦيري ويا،
ليڪ ظاهر ٿي پئي چشمِ شهلا خود غرض.

تنهنجي پريت، تنهنجي لڇ، ڇا نه يارن ٿي ڇيو،
منهن تي ايندي ئي ٿيا يارِ يڪتا خود غرض.

ڪنهن جي آئي، ڪنهن جو ڇيو، منهن جو پردو ڳي لٿو،
پاڻ ظاهر ٿي پيو لازِ بيجا خود غرض.

ڪين پيلو ها پڌي، ڪين ها سهڻي پڌي،
جي ٿئي ها ڪين ڪي موجِ دريا خود غرض.

ڦلڦلِ مينا پڌي، ياد "صائب" کي پيو،
سو سمون، جنهن دم ٿيا، يار يڪجا خود غرض.

## "محسن" ڪڪڙائي

### غزل

ڪا ڪا مُورت، لڪ لهي ٿي،
سُهڻي صورت، لڪ لهي ٿي.

جنهن سان تنهنجو نينهن لڳي ٿو، ان جي قسمت، لڪ لهي ٿي.
مهنجي دنيا ڪک برابر، تُنهنجي سنگت، لڪ لهي ٿي.
مُرڪي، اک ملائڻ وارا، تنهنجي عنايت، لڪ لهي ٿي.
ڌَنَ جو پوڄاري ڇا ڄاڻي، ڪنهن جي چاهت، لڪ لهي ٿي.
سونهن کي سجدا، پيار جي پوڄا، اهڙي عبادت، لڪ لهي ٿي.
ساٿ هجي، يا محبوبا، عورت عورت، لڪ لهي ٿي.
ڀَلَ ۾ ماسو، ڀَلَ ۾ تولو، تُنهنجي طبيعت، لڪ لهي ٿي.

"محسن" کهٽڻ، هٿڙا ۽ ڏينڙيون،
ههڙي دولت، لڪ لهي ٿي.

## "آثم" ناٿن شاهي

●

کهُمي کهرَ، رکي ڪا گڏهه تي ڀِني،
وتو ناڻُ ناهي مون ڪنهن ڪان ڀِني.

ولڏي آ سون سُرهاڻ جهوليون ڀَري، ڏنا ڏيهه کي ڏنم گل نئي گل چني.
لڙي اُڙڪ ڪاغذ تي ٻڌجن غزل، جڏهن ڪنهن ڏکئي جي ڏنم اک ڀني.
آجها پي، ڏجها پي تي ڏاڍا ڏني، اها ذات، ڏاتار جيڪا ڏني.
سدا ساهه واري، سچي شاعري، نه آ مادرن ۽ نه ڪا نئشني.

سنئين سوچ "آثم"! اٽل ۽ اڏول،
ڪنهين ڊنگ ڪان ڪانه آهي ڊِني!

# في البديهه مسدس

(مشترڪه تخليق)

-۱۹۶۱ع-

ط ٿيو دورِ خزان ختم بهار آئي چمن ۾،
خ هڪ لهر خوشي جي ٿو ڏسان سرو سمن ۾،
ب عيد آهي نئين سر ٿي پيا دشت و دمن ۾،
ف ماحول بدلجي ويو سڄو چشم زدن ۾،

م لبريز ڏسان جام ٿو ساقيءَ جي هٿن ۾،
ط اڄ رنگِ جواني ۾ آهي چرخِ ڪهن ۾.

ط گلشن جي صحن کي ڏي صبا روز بهاري،
بلبل به خوشيءَ مان ٿي گلن ساڻ گذاري،
ب سنبل ٿو وريو زلفِ پريشان کي سنواري،
م نرگس ٿي ڪڍيو ناز پريا نيڻ نهاري،

ط لب پنهنجا صراحيءَ رکيا ساغر جي لبن تي،
م عاشق ٿي ڏني جهٽڪ ڇمي چاهه ذقن تي.

م بهتر جو هينئر واعظ اسي بيبر نه آهي،
ط ۽ پاي جنون ۾ ڀڳو زنجير نه آهي،
خ سڀ خوش ٿو ڏسان هاڻ ڪو دلگير نه آهي،
ف شب آهي مگر نالهٔ شبگير نه آهي،

م ٿي يار جي موجودگي سولي تي سهاڳو،
ب پاڪن سان ٿو اهڙو ڪو ملي وقت سڀاڳو.

ف شرمائي گلن کي ٿي سندس رخ جي گلابي،
ف غنچن ۾ سچڻ کان ٿي سکيو ناز نقابي،
م ڪن مست ميِن کي ٿا سندس نيڻ شرابي،
خ هي ليٽ ڪرائيندين اکيون خون خرابي،

ف رفتار سندس آهي قيامت تي قيامت،
م گفتار سندس شانِ فصاحت ۽ بلاغت.

ط رات آهي يا محبوب جا هي زلف پريشان،
م رخسار يا هي نور سحر آهي امايان،
ڀ دلبر جي جبين آهي يا هي ماهِ درخشان،
خ هي مست اکيون يار جون يا چشمِ غزالان،

ط مستيءَ ۾ سنڀاليو جو اکي يار جي ناز،
ط غيرن جي دماغن جو ويو بگڙي توازن.

ط هڪڙو ۽ سندس تيرِ نظر ڪونه خطا ٿئي،
ب جنهن کي ٿو لڳي ان کي حياتي ٿي عطا ٿئي،
ط ڪاوڙجي تڏهن پڻ ٿو سندس وعدو وفا ٿئي،
ط پرچي ته وري پاڻهي ٿي دردن جي دوا ٿئي،

ب ڪنهن تي ۽ ڪڏهن جور و جفا ڪونه ڪري ٿو،
خ ڪيڏا نه سڄڻ قرب ڪري پير پري ٿو.

ط هو "طالب مولا" جي محبت جو نگهبان،
م "محبوب" مليو دل جا ٿيا پورا سڀ ارمان،
ڪ ٿو حُسن "فهيم" ان جو ڪري حسن کي حيران،
خ "خادم" تي ڪري يار ٿو احسان تي احسان،

ط هو "طالب مولا" جو خدا آهي مجازي،
ب بيخود ٿا نمن جنهن کي سدا ترڪ ۽ تازي.

[مرسلہ: مخدوم جميل الزمان "جميل"]

"نثار" بزمي

## نعتيه ڪلام

سخي مختار تان صدقي، سچي سردار تان صدقي،
مديني جي گهٽين جي سونهن ۽ سينگار تان صدقي.

اهو ئي نانءُ مرسل آ سهارو ساهه منهنجي جو،
يتيمن جو آ جيڪو يارُ، اهڙي يار تان صدقي.

زماني کي ملي وئي روشنائي جنهن جي جلون کان،
لکين منهنجا جنم تنهن جوان جلويدار تان صدقي.

ڪفرسازيءَ جي عالم ۾ حياتيءَ جو وجود ڪهڙو،
انهيءَ پوسٽ ۾ دلبر جي عجب ديدار تان صدقي.

چيائين: هڪ خدا آهي، سچائو پنهنجي سائينءَ کيءَ
انهيءَ پيغام تان صدقي، انهيءَ پرچار تان صدقي.

تجليءَ کان انڌيرن جون ويون ويران ٿي واٽون،
سوين پيرا وڃان مان صاحبِ انوار تان صدقي.

گهڙي هڪڙي نه وسري ٿو، سدائين آهي سيني ۾،
وڃان ٿو هر گهڙيءَ اهڙي ڳچيءَ جي هار تان صدقي.

تصور ۾ چيم سرڪار! مان تنهنجو غلام آهيان،
چيائين: مان به ڄاڻان ٿو، انهيءَ اظهار تان صدقي.

محمد نانءُ آ جنهن جو، سو محبوب آ منهنجو،
ادا "بزمي" پڇين ڇا ٿو، آ دل دلدار تان صدقي. "

## ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

●

ڪير چئي ٿو ظالم دنيا، ظالم آهه ضمير،
پرجهل ٿيو آهي پير.

سالن لاکون سوکهو ڪيڙس، اهڙو آڏون امير،
پرجهل ٿيو آهي پير.

ڪيڏو ڏاڍو ڪيڏو ٺهري، جنهن زندان جو زنجير،
پرجهل ٿيو آهي پير.

مئي جي مستي نينهن نشو يا تهڙو ٿس تاثير،
پرجهل ٿيو آهي پير.

جهڙو جهڙو خواب ڏسي ٿو، تهڙو ٿئي تعبير،
پرجهل ٿيو آهي پير.

ڪاتيءَ والڪر ڪنڌ تي جنهن کي دهشت دامنگير،
پرجهل ٿيو آهي پير.

## خاڪي جويو

●

رات هوا جي رم جهم تي،
گيت اڳاتا ڳاتا آهن.

پوڻ پنبڙي جو پڙڪائي، ڇتر ڇراتا ڇاتا آهن.
هار هوائن جي هرڪر جا، ٻاڻ مرادا ٻاتا آهن.
سپنا صدين جا سارن جا، اکڙين ۾ جن آتا آهن.
ڳوٺ اسان جا ڳاڙهي رت ۾، لاک لهوءَ جي لاتا آهن.
جيئن ٻوءِ تيئن جواليءَ وارا، لهرا اڳ ڪاڻ ناتا آهن.

## ”تاج“ جويو

### بيت

ٻوليءَ جي واڙيءَ منجهان، چوندي اکر-آڇَ،
ڀري دل جو رَتُ، ناهيا گيت گُلاب مون!

—

دل جي رتي رت سان، سِر جي آئي سِٽ،
جهڙا چُنيءَ چِٽَ، تهڙي سوڀيا سِٽَ جي.

—

سورن جو شمشان، جيسين جلي نه جيءَ ۾،
تيسين ذات ڪويءَ وٽ، سُور نه ٿئي مهمانُ،
سِٽ لکڻ آسان، ڀورا! ڀاڻءِ نه بيت جي.

—

جيئن ڪا چمڪي چيڪ، جهُڙ ڦُڙ ميگهه ملهار ۾،
ڏِئي سچ سنيهه، تيئن ڪا سِٽ سُهاڳڻي.

—

ڪا ڪا سٽ آماس ۾، تارن جو تڙڪو،
ڪولي دڳُ لڏو، جوڏن جنهن جي جوت ۾.

—

سِٽ سُڪندي سچ“ جي، ٻر جي سچ چئين،
لاهي ڳالهه لئين، سُوريءَ تي سچ لئه چڙهڻ!

—

سچ، سندرتا، ستَ ۾، جي تون سمائين،
ماتِ ڏمر ڏهڪاءَ کان، سُور نه تون ڪائين،
نِڪو نه لائين، ڪڏهن پنهنجي ڪُڙم کي!

—

سچ سمائي سٽ ۾، جڏهين ڳاتو مون،
ڀُڙڪي اٿي ڀُون، ڪڙڪيا ڪولڏر ڪوڙ تي!

ادل سومرو

## گيت

زندگي آ مختصر،
نفرتن جي جاءِ تي،
پيار جو اظهار ڪر،
هر گھڙي هر بار ڪر.

هر گهٽي هر جاءِ تون، روشني ڦهلاءِ تون،
زندگيءَ ۾ رنگ ڀر،
سونهن سان سهڪار ڪر، پيار جو اظهار ڪر.

ڀولَ مٽڙا ڀولِ تون، روحَ جا رستا کول تون،
سوچ کي سرهاڻ ڏي،
ذهن ۾ هٻڪار ڪر، پيار جو اظهار ڪر.

آدميءَ کي مانُ ڏي، درد جو درمان ڏي.
دشمنن سان ٻي ڪڏهن،
ڪين تون آزار ڪر، پيار جو اظهار ڪر.

ڪوڙ کان انڪار ڪر، سچ جو واپار ڪر،
پنهنجي دل کي او سڄڻ!
سڪ سان سرشار ڪر، پيار جو اظهار ڪر.

ج. ع. منگهاڻي

## غزل

جن کان ڏور ڪنارا هوندا،
ڪيئن نه سي ويچارا هوندا.

ڳالهين سان نه ميٽيا ٽرهيا، دلين ۾ جي ڳهارا هوندا.
پنهنجن کي جي وساريندا هن، ڪيڏا سي ته آسارا هوندا.
ڪڙيل مک مان ڪيئن ڪو ڄاڻي، اندر کي شوڪارا هوندا.
هرڪ دل جو مرهم جن وٽ، ماڻهو سيئي پيارا هوندا.
سپنا ڀوڙيا شمشانن ڏي، ڇرڪيا سارا تارا هوندا.
لڙڪ لڙڪ جي قيمت ڪٿبي، سي منظر سوچارا هوندا.
درماندي راتين ۾ سوچون، ڪنهن جا ڪنهن وٽ پيارا هوندا.
ٽڪل من کي آٿت ڏيندا، چارا سيئي ڳوارا هوندا.

ايندڙ ڏينهن "منگهاڻي" پنهنجا،
خوابن جهڙا نيارا هوندا.

## "سوز" هالائي

# گيت

بادل برسي پئو، بادل برسي پئو،
من جي اڱڻ مٿي، دل جي ڌرتيءَ تي
بادل برسي پئو.

تو ري، جڻ پرديس ۾ آهيان
جهڙو پرينءَ کي چئو
ڪانگل بڻجي پئو
بادل برسي پئو.

جيسين آهي ديد درڻ ۾
تيسين ترسي پئو
ڪجل بڻجي پئو
بادل برسي پئو.

سارونين جي وسڪارن ۾
هاڻ لکي تو پئو
سالول بڻجي پئو
بادل برسي پئو.

ساڙي "سوز" سڙي رکي
تنهائيءَ جو تئو
ڏاڍل بڻجي پئو.
بادل برسي پئو.

## شعبان "بخت"

# پٽ ڏٽي

پٽ ڏٽي! پٽ ڏٽي! ڳالهه تنهنجي وٽي،
جيڪا توکان هٽي، سا نه ڪنهن کان هٽي.

(۱)

تون نئي آن ساڀيا، سنڌ جي سوچ جي،
ساک نئي جاڻ جي، خاص آئين ڪٽي،
پٽ ڏٽي! پٽ ڏٽي!

(۲)

ڦيا سلامي سڀئي تنهنجي سهراڻ جا،
لينهن جا ناڪئا، پيار جا پاڻئي،
پٽ ڏٽي! پٽ ڏٽي!

(۳)

پيا نه ڪئين ڦيا هتي، مهر جا موڪي ٻر،
تنهنجي مڏ جي مدرتا آ سڀ کان گهٽي،
پٽ ڏٽي! پٽ ڏٽي!

(۴)

لينهن جو ناز آن، دل جو دمساز آن،
مڏ سٽي، سک لهي، هر ڏکل هڏ هٽي،
پٽ ڏٽي! پٽ ڏٽي!

(۵)

"بخت" جهڙا لکين تنهنجا منگتا ميا،
پيا پنن پيار سان تنهنجي پيرن ڇٽي،
پٽ ڏٽي! پٽ ڏٽي!

## ذوالفقار سيال

### غزل

اسان جو زخم ۽ گل جيان ڪوئي مهڪي ٿو ڪڏهن،
ٻرين خيال ۾ ڪو عڪس تنهنجو جرڪي ٿو ڪڏهن.

اسان جي پيار جون لهرون اٿيون ۽ سوڙي ويون،
اچي جي ياد ٿو، ليٿن مان نير برسي ٿو ڪڏهن.

مڃان ٿو تنهنجون به مجبوريون ڪي ته هونديون پر،
مگر اکين مان وري پيار تنهنجو ڇلڪي ٿو ڪڏهن.

سمائي تنهنجا ئي سپنا اکين ۾ سانڍيان حسين،
اٿڻ سان خواب به سانڍيل اسان ڪان وسري ٿو ڪڏهن.

ڪڏهن ڪڏهن ته لڳي پاڻ پيي نه پنهنجو ٿو،
ذهن ۾ "زلف" وري گيت ڪوئي گونجي ٿو ڪڏهن.

## مهر پروين

•

گهر اچي گهايل سان گڏجي گهوٽ گهاريندين ڪڏهن،
وصل جي وارث وري تون واڳ واريندين ڪڏهن.

جي لياڻ جا ڪيا وعدا پرين تو وصل ويل،
سي اچي مرڪي مٺا، پيمان پاريندين ڪڏهن.

تو بنا آهيان اڀالي سُور جي گهيري ۾ سُڪَ،
ڇڏا اچي منهنجي اڱڻ، سي سور ٽاريندين ڪڏهن.

ٻار ڳٽين ۾ وئين ڳاري هنيون، ساري مٺي،
جيءُ جڏو منهنجو وري جانب جياريندين ڪڏهن.

وصل ويلي جا ڏني تو، "مهر" کي سُرڪي سڄڻ،
پڪ اها پروين کي پيارا پياريندين ڪڏهن.

## اُميد خيرپوري

# سليم ڳاڙهوي جي ياد ۾

رهي ’عزيز‘ جي اب تي ٿي هر ڪهڙي زاري،
نه آهه ڪشتي مقدر ’حليم‘ جي تاري،
’سليم‘ توکان سوا بيقرار ٿا ڪهارن،
’منير‘، ’جوش‘، ’رفيقي‘، ’نديم انصاري‘.

نٿي جا ٻرچي اها دائمي نٿي ٻرچي،
رُسي ٻوي جي حياتي وري نٿي ٻرچي،
اديب روئي رڙي نيٺ چپ ڪري ويٺا،
سليم ڳاڙهوي جي شاعري نٿي ٻرچي.

نبي جي در جو گداگر وري ملڻ مشڪل،
اسان کي اهڙو اڪابر وري ملڻ مشڪل،
سجاڳ سيتو ساڃهه سندو سچار سچڻ،
”سليم“ جهڙو سخنور وري ملڻ مشڪل.

خبر نه آهه خطا ڪهڙي ٿي ٻئي آهي!
ادب جي جاءِ تي ويهي رهي رٺي آهي!
ميون ڪٿي ته وڃي مشڪ مٽين جهان ڇڏي،
”سليم“ تنهنجي رُلي شاعري وٺي آهي!

## واجد

●

زندگي سان نڀائيندو رهجانءِ،
سُور سيني سمائيندو رهجانءِ.

ڪوهه سپنو مٿان ٿَڻي ڪنهنجو، هر ٻاسي ڪنائيندو رهجانءِ.
ديس پنهنجي جي واڪهه ويرين جا، وجهه سارا وڃائيندو رهجانءِ.
چاهه جي چڻنگ اجهامي نه مٿان، دُود دل ۾ دکائيندو رهجانءِ.
واڪ تي واڪ ٿا لڳن ”واجد“، پنهنجو دامن بچائيندو رهجانءِ.

## سيد شاه مردان ريگستاني

•

چنچ تون چهنب چوري، کي پرينءَ جي پار جون خبرون،
ٻڌائج ڪانگڙا، کي قرب واريون يار جون خبرون.

پلين آئين ڀڪي پيارا، عجيبن کان اڏامي تون،
اچي ويجهو ويهي مون کي، ڏجان دلدار جون خبرون.

ڪڏهن نڪتين قريبن کان، ڪري پرواز پرديسي،
سڻائج صاف ساري تون، هنئين جي هار جون خبرون.

ڪيانتا ڏي خبر ڪولي، پرين پيارا ڪڏهن ايندا،
پڇو پيرو پلارن جو، انهيءَ اسرار جون خبرون.

قسم ڪانگا اٿئي "مردان" کي، محبن جي سکهي سڌ ڏي.
وفا جا واعدا ڪيائون، انهيءَ اقرار جون خبرون.

## مشتاق آريسر

### ڪافي

آيا اڄ هي اڀاڻا، سانگي سڄا سياڻا،
مون کان سوا ٽرن ٻه، جيڪي وتن ويڳاڻا.

هن حال ۾ جو ڏسندا، روئي اچي هو ملندا،
زاريون ڪري پيو چوندا، مظلوم ڇڏ اياڻا.

پل پل جو حال ساري، هرڪنهن سان واري واري،
سڀ سڄا سنپاري، ڏکڙا نوان پراڻا.

مارن کي دانهن ڏيندس، هت هاڻي ڪين رهندس،
موٽي اتي نه هلندس، ڇڏيم جي ٽاڪ ٽاڻا.

"مشتاق" منهنجا سارو، ساريندا حال سارو،
ٽيندس وطن ڏي وارو، ڏسندس پنهون ۽ پاڻا.

## محمد شريف "طالب"

کنديس روح رهاڻ،
ملي مارو جام سين.
منهنجي روز ازل کان آهي ڄاڻ سڃاڻ.
ڀهچان ماڪ مليسر ۾ تن ۾ تاڻو تاڻ.
لڏيون لوئيءَ ۾ مون لالڻون ماروءَ ساڻ.
هردم آس آهائي آهي، مارو ايندو ڄاڻ.
"طالب" جن جي آهيان، ڀهي ايندم ڀاڻ.

## پريتم "پياسي"

### غزل

اج مني محبوب مرڪي مون کي مرڪائي ڇڏيو،
دام دلڙي کي وجهي منجهه عشق انڪائي ڇڏيو.

مون رسڻ چاتو لئي، پر اوچتو وينس رسي،
هن اچي منهنجي اڱڻ تي مون کي پرچائي ڇڏيو.

هار کي مون هار ڏيئي ٻئي هميشه هيسيو،
پر حريفن جي هٿان اج هوت هارائي ڇڏيو.

اج ڪري سينگار سرسا، مون کي ساجن هو سڏيو،
حسب جو مون کي حبيبن هار پارائي ڇڏيو.

بد رقيبن جي ته مون کي آهه پرواهه ڪنهن طرح،
چا ڏيو جو هن سر بازار بولائي ڇڏيو.

لک پلايون پال پانيان تنهن مني محبوب جا،
جنهن جفائن ساڻ منهنجي دل جگر کهائي ڇڏيو.

خوش نصيب آهي اهو عاشق ازل جي ڏينهن کان،
جنهن جيبن جي هٿان منجهه هيج هارائي ڇڏيو.

دل "پريتم" جي لڳي آ پهچ پنهنجي کان مٿي،
ان لڳي جي لهر لوڏي جيءُ جرڪائي ڇڏيو.

## مخدوم جميل الزمان

●

دل زماني کان بيقرار آهي،
ڪنهن شناسا جو انتظار آهي.

موسمن تي يقين ڪهڙو صنم، تنهنجي وعدن تي اعتبار آهي.
خوب ڄاڻي ٿو بيخبر سهڻو، منهنجو هڪڙوئي رازدار آهي.
هي اثر آهي يادِ ماضي جو، ڏس گريبان تار تار آهي.
منهنجي ٻي ربط آرزوئن تي، يار، بس توکي اختيار آهي.
مست نظرن جا وار ڪر ساقي، ذهن اڄا تائين هوشيار آهي.
جيترو آسمان آهي سڄڻ، اوترو منهنجو توسان پيار آهي.
قرب ڪنهن سان ڪيو اٿئي اي جميل، تون گداگر، هو تاجدار آهي.

## نرنجن دوداڻي

### ڪوچ

ڪنهن ڪوچ ۾ لڏيان ٿو، ڪنهن سان نه ڪُڇ ڪڇان ٿو،
بس، پاڻ کان ڀڄان ٿو،
ڪنهن ڪوچ ۾ لڏيان ٿو؟

ڪنهن ڪوچ ۾ ڪٽل جيئن سالده رهي وڳياني،
ڪنهن چنڊ جي رنگن ۾ مخمور چنڊداني،
محبت جي معاملي ۾ پنڪي رهي گماني،
ڪنهن سور جي صدا ۾ تڙڦي، ڪجهه نه ڄاڻي،
سو سور پيو سهان ٿو، هند درد جو ڏسان ٿو،

هڪ راز جي سليان ٿو،
سو غار اڳ پٽسان ٿو،
ور ور ڪري ڀڄان ٿو،
ڪنهن ڪوچ ۾ لڏيان ٿو؟

**پشپا ولڀ**

## نئين سال جي دعا

نئين سال جي ڪهڙي دعا ڏيان،
گذريل سال وانگر،
هيءُ سال به تنهنجو،
هرپل خوشين سان پريل گذري،
ڪيڏو مذاق ٿيندو؟
نشي جي حالت ۾،
هوا ۾ اڏامندي،
اها ڳالهه ڪير سمجهندو!
سڀ ٺيڪ آهي،
دنيا ۾ سڀ امن امان آهي،
۽ وري سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿيندو.

گهٽيون سڀ سنسان هونديون،
ڪٿي ڪانگن جي ڪانءُ ڪانءُ،
ٻڌڻ ۾ ايندي،
يا ڪجهون ڊوڙنديون ڀڄنديون نظر ايندي،
سڀ ٻار پنهنجي مائرن جي هنج ۾ لڪي ويندا،
ش ش! ش ش! گهوڙا ايندا،
هوءَ چوندي.

بارود ۽ دونهين جو بادل ڇانئبو،
ڪوئي ڪيڏانهن ڊوڙندو، ڪوئي ڪيڏانهن،
۽ جڏهن دونهون ويهي رهندو ته،
الائي ڪيتريون ٻيبيون(۱) الائي ڪيترا ٻچڙا،
ڪيترن جا بابا ۽ ڪيترن جون اميون،
دونهون ڳڙڪائي چڪو هوندو.

---

(۱) She-babies.

## "اشرف" زمان پيرچنڊامي

### غزل

بي وفا کي روبرو اڄ بي وفا چوڻو پيو،
جرم جاتي پيا ٻه تاتي هي ٻه هڪ ڪرڻو پيو.

هار ڀي هاڻي ته چاهي جيت پيئي ٿيندي ڪڏهن،
ظلم جي هن دؤر ۾ ڪجهه صبر سان رهڻو پيو.

ڪونه تو هرگز رکي پيو ڪوبه اڄ ڪنهن جو لحاظ،
يار پر پنهنجو ته هرگز پاڻ کي رکڻو پيو.

ڇوطرف پنهنجي ڏسان ٿو بيڪسي ۽ بيوسي،
حسرتن جو لاش دل جي لحد ۾ رکڻو پيو.

وقت جهڙي تون نصيحت ڇا ڪندين اي ناصحا،
تنهنجي مڪتب کي ڇڏي اڄ وقت ڏي وڃڻو پيو.

تون ڀلي زاهد عبادت ڪر مگر مون کي شراب،
يار جي ديدار خاطر ڇا ڪجي پيئڻو پيو.

زندگي جي سرخرو ڪرڻي اٿئي "اشرف" ته پو،
موت جي منزل طرف بيخوف ٿي وڌڻو پيو.

## گوري وليپ

### وڃايل وجود

خواهشن جي ڄار ۾
هي قاتل ماڻهو
ڇا پيو ڳولي
پنهنجو وڃايل وجود
يا پنهنجي عمر جا
خوبصورت سال
جيڪي هن پسي
جي مشين ٿيڻ
۾ گذاريا؟

## بشير احمد "شاد"

### گيت

تنهنجي نينهن نهوڙيو يار،
تنهنجي نينهن نهوڙيو.
خوشيون ساريون خواب اڌورا
ڏاڍو ڏکن وکوڙيو يار،
تنهنجي نينهن نهوڙيو.
ڏوراهيا ڇا دنيا کي ڏيان
تو به تہ منهنڙو موڙيو يار،
تنهنجي نينهن نهوڙيو.
واڳ اوهان جي وس آ سائين
تاريو تہ ٻوڙيو يار
تنهنجي نينهن نهوڙيو.
ڪارو بات اندارو ٿئي تہ
وار جڏهن تہ ڇوڙيو يار،
تنهنجي نينهن نهوڙيو.
سارا ناتا رشتا ٽوڙي
توسان رشتو جوڙيو يار،
تنهنجي نينهن نهوڙيو.

## "آصف" سنياڻوي

### وائي

تنهنجي سونهن سببي،
مون شاعري شروع ڪئي.
چانديءَ تي چُرا ۽ ڏسي ٻيو سي،
مون شاعري شروع ڪئي.
توکان مونکي عشق جي، جڏهن چوٽ رسي،
مون شاعري شروع ڪئي.
ڏس جي "آصف" کان، تو جا ڏات کسي،
مون شاعري شروع ڪئي.

## قاضي منظر حيات

### غزل

ذهن ۾ خلفشار آ،
سوچن ۾ انتشار آ.

هي نفرتن جو شهر آ، هتي نہ ڪوئي پيار آ.
الفتن جو عيوض، ڏڪارڻي ڏڪار آ.
آ دوستي بہ مطلبي، نہ ڪو بہ هتڙي يار آ.
مون محبتن جا گل ونڊيا، ٿيو نفرتن جو وار آ.
سانت جي سفر ڪيو، انسان بيقرار آ.

روشني وري اچي،
هر ڪنهن کي انتظار آ.

## بدر قريشي

●

صبح جي هير ۾ خوشبو جيان ڪهُليا آهيون،
گلن جيان باغ ۾ پيارو اسان ڪليا آهيون.

اوهان کي ڪهڙي خبر ڪيئن اسان مليا آهيون،
اوهان جي لاءِ سڄي زندگي هليا آهيون.

ذري ذري کي چمن جي اسان اڏامي ڇميو،
سرءُ جي پن جيان باغ ۾ ٽليا آهيون.

اسان کي وقت ڏني ڪهڙي ربت آ شهرت،
اسوري ڪوڙ جيان شهر ۾ هليا آهيون.

خبر ناهي تہ انجام پنهنجو ڇا ٿيندو؟
هلون بہ تيز ٿا ۽ راهہ بہ پليا آهيون.

## عذرا جبين

### آزاد نظم

اي منهنجا پرين،
هڪ وارثي سمي!
ان ماڪ تي هل موٽي،
جتي مون تو لئه،
تو ڪارڻ،
ڇڏيو هئم،
پاڻ کي ماري!
۽ چڙهي هيس ڦاسي تي،
پر ڏسان ٿي،
ڦاسي تي چڙهڻ کان پوءِ به،
منهنجو بي چين روح،
۽ وياڪل من،
ڀٽڪندو رهي ٿو،
انَ طرف،
جتان مان هئس گذري،
تو ساڻ،
گڏ هلڻ لئه،
هٿر وک وڌائي،
اي منهنجا پرين،
هڪ وارثي سمي!
ان طرف،
ان ماڪ تي هل موٽي،
ته جيئن،
پنهنجي لاش کي مان،
پنهنجن هٿن ساڻ اچان،
هميشه لئه دفنائي!

## ناگور سنڌو

●

وارو ڙي وارو،
مال مري پيو ٿر ۾،
آڻيو ڪو چارو.

پڻ مور نه سڪيا،
ماروئڙا ملير جا،
چاهي رهن پڪيا.

ڪوهستان ۾ ڏڪر،
قضيو هجي پل گهر ۾،
ته به نه وڻن پهت.

وٺو نه وسڪارو،
هيل جبل ٿر،
آيو هر ساهه وارو.

سنڌو جو پاڻي،
رکيو جنهن چپ تي،
جوائي تنهن مائي.

هاري هٿ ۾ هر،
پيٽ پالڻ لاءِ،
وهائي ٿو پکهر.

محمد هنگورجو

# ويڙهيچن جو وستار

موٽي منهنجيءَ سنڌ تي ولي نه برسات،
ملي مارون ڙن کي، سورن جي سوغات،
ڏوٽيڙا ڏينهن رات، اڇي ويا ارمان ۾.

ٿيو ڏيهه ڏڪار، ڏوٽي ڏالي ڏور ويا،
ويٺي ويچارن وسري سندن ٻيٽ ٻچار،
رکو اون اڀار، مارن آهي مال جي.

سورن سان سانگيڙا سينو نت ساهين،
ڏهڪن، ڏکن ڪينڪي نه ٿي دل لاهين،
لاچاريون لوڪ ۾ لڪ نه لڪائين،
ٻيلي ٿا ٻانهين، ٻاڪيا ٻڪ ٻرم جي.

ڏڪارن ڏيهه جا، مارو ڪيا محتاج،
ويچارن وطن ۾ نه حيلو هلي حاج،
راڄن سندا راڄ، اڇي ويا ارمان ۾.

لهاري نيپ ۾ ٿڪا نيڻ مون،
ولي ورهه چڏيو آهي ٻيٺمون،
سانگي سيڻ مون، ٻيا هيل ٻرڪ ۾.

وسين نه وڏ ٿڙا، ڪهڙي سبب ڪوهه،
ڪهڙو ڪيو ڏوهه، مارن آ منهنجي.

ڪنڌنديون هيون ڪاله دوناهون دڙن تي،
بلڪل اڄ اي حال، ٻيون آهن ٻڇ ٿي.

امير ابڙو

# نثراڻو نظم

سِڪ اسان جي سپنن ۾ جي سمائجي سگهجي ها
هيءَ حياتي توکي سارڻ لئه ڪافي هجي ها
پر سِڪ ته سمنڊ جي ڇاتارن کان
آڪاش جي اوچائين تائين
ڦهلي پيئي آ
وکري پيئي آ
شايد مڌ پيتي آهي سِڪ تنهن جي سڄڻ
جو ڪائنات جي ذري ذري ۾ ڪونجي وڃڻ
گيتن ۽ سرن جي آلاپڻ کان پوءِ به
جڻ ته اڌوري آ، اڻپوري آ.

—

مان جهومندڙ ۽ ڳائيندڙ وڻن وٽان گذران ٿو
ڏرنگي دنيا جي پاريل ڀاڄ جي آڙاهه مان لڪري
ستارن ۽ سارونڻين جي دنيا ۾ جهومان ٿو
اڄ و شاخ به آهي، موسم جا چٽيل پيلا پنَ
ڀاڻيءَ ۾ منهنجي شڪست ڪاڏل جيون جيان
ترن ٿا، سندن رستو ۽ منزل آهي جهنگل ۽ پنَ
جڏهن وڻن جون شاخون نه لڏيون آهن
ستارا سهندا آهن، چنڊ غائب ٿي ويندو آ
تڏهن جهنگل جي گهڪهه اونداهيءَ ۾ ليڻ تنهن جا
پرندا آهن، باقي تن وڃائجي ويندو آ.

ايازگل

## دل جي ديس مان جلاوطن يادون

● آهي ۽ ڏينهن هتا!

روز روز ملبو هو
۽ ڳالهه چا ۽ هجي
تهڪ ڏيڻي ڪلبو هو
ڇپن تي پنهنجون پراڻون هزار آڪاڻيون
آدب تي، آرٽ تي، فلمن تي ۽ ڪتابن تي
طويل بحث، رُساما، عجب عجب ڳالهيون!
۽ وچ وچ ۾ اکڙين جون پنهنجون شيطانيون!
عجب نشي ۾ تي گذريا، سي ڏينهن ۽ راتيون
نہ پنهنجو هوش، نہ دنيا جي ڪا خبر/ پرواهہ!

۽ هي ۽ ڏينهن ٿيا!

ٿا ڪڏهن ڪڏهن گڏجئون
ملون تہ ائين جو ست ڪوٽ اوپرائپ جا
ڪنهن جوڪ (Joke) تي ۽ رُڳو مرڪ، سا بہ زوريءَ جي
نہ مان ئي ساڳيو آهيو ۽ نہ تون آها ساڳي!
اکيون آهي ئي مگر هاڻي تن ۾ ويرانيون
پرائي شهر ۾ ڪنهن اجنبيءَ جون حيرانيون!
۽ چار جملا، لڳن ٽيپ ٿيل زبانن تي!

”اوهان جي ڪيئن آ طبيعت، ڪٿي ۽ ڪيئن آهيو؟
لڪو ٿا؟

لڪئي ۽ شايد چڏي ڏنو هاڻي!
گهڻن ڏينهن ڪان اوهان جو نہ ڪجهہ پڙهيو آهي.
ڏسو تہ ڪيڏي نہ آهي خراب موسم اڄ
هوا ۾ هيڏي ميٽي، بس زڪام، کنگهہ، بُخار!“

۽ وچ ۾ وري خاموش، چانهہ جو وقفو:

جي ڪوپ ڏيندي ٽئي آڱرين جو ٽورو ڇهاءِ
تڪڙ ۾ هٿ ڇڪڻ، سوري (Sorry)، ٽورڙو پڇتاءِ
نگاهون هيٺ، رڳو ماٺ، ماٺ ۾ هڪ گهاءُ
عذاب ماٺ جو جنهن پل وڌي وڃي حد کان
”چڱو هلان ٿو!“ چوڻ
دَر ڏانهن وڌڻ، وڌي رڪجڻ
اِهائي آس، اِجهو موٽ ۾ ڪوئي چوندو:

”اجا نہ ويهہ، اجا وقت ٿي ٿيو ڇاهي؟
جڏهن بہ ايندين، ائين تڪڙ ۾ ڪيون ايندين!“
مگر جواب ۾!
”ڀوءِ چڱو -- وري اچجو!“
پٺ ڏي، نڙيءَ ۾ ڪائي شيءِ اٽڪندي پاڻهي
۽ تيز تيز قدم، ڊوڙ ڊوڙ راهه تي.

اهي بہ ڏينهن ٿيا!
هاءِ، اهي بہ ڏينهن ٿيا!

## عزيز ڪنگراڻي

### وائي

ساروڻين جي پنڌ پکي آ،
دل ۾ چڻ ڪا چيت چُپي آ.
هاڻ هلي آ.

سيما سيما رت ذمي ٿو، هاڻ تي ٿي هئي رت ڪِرڙي آ.
اکڙين ۾ اوسيئڙو تنهنجو، رُت مستان هئي رُت ڦيري آ.
هيڪل وياڪل آءٌ رهان ٿو، جڏهن کان توسان اک لڳي آ.
عشق جي آتش ايئن اندر ۾، ٻيلي ڪي جڻ باهہ لڳي آ.
آس نراس ۾ چنڊ لڙي ويو، جهيڻي جهيڻي چانڊوڪي آ.
ايلاز ”عزيز“ ڪيا مون ڪيڏا، تو نہ اجا ڪا سار لڌي آ.

## اسحاق "راهي"

### غزل

رند جي نظرن کي ساقي جي اکين ڌوڪو ڏنو،
ميڪشن کي بزم ۾ آ ميڪشن ڌوڪو ڏنو.

جام هٿ ۾ آيو ۽ لرزش بدن ۾ ٿي پئي،
مئي پرستن جي لبن کي آ هٿن ڌوڪو ڏنو.

ٿي پيو آهي نظامِ بزم سان ڪو اختلاف،
سادگي منهنجي کي آخر انجمن ڌوڪو ڏنو.

سادگي چئجي يا چئجي سمجهه ۾ ڪوئي خلل،
"رهبرن جو ويس پائي رهزنن ڌوڪو ڏنو."

اختلافن جي به ڪا حد هوندي آهي دوستو؟
لب تلاش لب رهيا، ليڪن لبن ڌوڪو ڏنو.

باغ ۾ گلڙن کان اڳ خارن ڪيو خوش آمديد،
دشمنن ڪئي آجيان ۽ دوستن ڌوڪو ڏنو.

جن کي گل سمجهيم اهي خارن کان وڌ ٿي خار پيا،
ڪيترو دستِ طلب کي آ گلن ڌوڪو ڏنو.

باغ ۾ آيس ته گلزاري کي سون نالان ڏٺو،
ڪيترو شاخ و شجر کي آ چمن ڌوڪو ڏنو.

جيئن پيا دست طلب دامن ۾ دامن پيو ڏنگي،
هي غضب آهي جو آخر پيرهن ڌوڪو ڏنو.

غرق ٿي اميد جي ڪشتي سهارا ويا ٽٽي،
رازدان طوفان ٿيا پر ساحلن ڌوڪو ڏنو.

ويو ملي مستين کان مون کي آ سراغ زندگي،
ڀروسو جن تي هيو تن عاقلن ڌوڪو ڏنو.

ڪاروان منهنجي جي قسمت تي اهي حملا ڏسو،
راهه بخشيا حوصلا، پر رهزنن ڌوڪو ڏنو.

ٿي نظامِ ڪاروان ويو منتشر، منزل کان اڳ،
راهه ۾ "راهي" کي آهي قافلن ڌوڪو ڏنو.

# مقالات

# سنڌ

—”جنهن وقت هتي جي تير جي، ميدانِ جنگ ۾ تعريف ٿي رهي هئي، تڏهن ڪن دوستن ’سنڌ‘ جي فضيلت کان انڪار ڪيو، جو درست ناهي.

—”منهنجي جان جو قسم! هيءَ اها برڪت ڀري پلاري سرزمين آهي، جنهن تي جڏهن مينهن وسي ٿو، تڏهن ان مان ماڻهن جي سينگار واسطي چڱ موتي ۽ ياقوت پيدا ٿين ٿا. سونهن ۽ سوپيا وڌائڻ لاءِ هتي مشڪ، ڪافور، عنبر، عود، اگر ۽ طرح طرح جي خوشبوءِ موجود آهي، ۽ پڻ قسم قسم جا عطار ۽ جعفر، سنبل، عاج، ساڳ ۽ صندل موجود آهن.

—”۽ هتي ڪانگ، طوطا، مور ۽ ڪبوتر آهن. هتي ناريل آهن، آبنوس آهن، ۽ هتي ڪارن مرچن جا وڻ آهن. هتي جي ترار بي‌نظير آهي، جنهن کي تيز ڌار ڏيڻ جي ضرورت ئي ناهي. هتي جا تير اهڙا تيز آهن، جو جڏهن ڪمانن مان نڪرن ٿا، تڏهن دشمن جي ساري فوج ۾ دهشت ڇانئجي وڃي ٿي.

—”پوءِ افسوس! سواءِ بيوقوف جي ٻيو ڪير انهن خوبين کان انڪار ڪري سگهي ٿو؟“ (ترجمو)

—ابو ضلع سنڌي

(هجري پهرين صديءَ جو عربي شاعر)

# متهلوي (متعلوي) سادات ۽ شاهه عبداللطيف جو نسب نامو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

شهر هرات جي هڪ سادات گهراڻي جي سرڪردي سيد علي هراتي جي فرزند سيد حيدر جي اولاد جي هڪ شاخ سنڌ ۾ متعلوي يا متياروي سيد آهن، جن مان مشهور ولي ۽ عارف شاهه عبدالڪريم ٿيو، جنهن جو ڏٺو پوٽو شاهه عبداللطيف هو. سيد حيدر هراتي جو مٿيون پيڙهيون هن طرح آهن (١): حيدر بن علي بن محمد بن حسين بن علي بن يوسف بن حسين بن ابراهيم بن علي الجّواري بن حسين الاڪبري بن جعفر ثاني بن موسيٰ ڪاظم بن جعفر صادق بن محمد باقر بن زين العابدين بن امام حسين بن حضرت علي بن ابي طالب. جعفر ثاني ۽ ان کان اڳ هي سادات عراق ۽ بغداد ۾ رهيا؛ حسين الاڪبري کان محمد تائين شيراز يا ترمذ ۾ رهيا؛ ۽ ان بعد غالبا سيد علي پهريون بزرگ هو، جنهن اچي هرات کي وسايو. سيد علي هراتي وڏي اثر رسوخ وارو هو، ۽ جڏهن امير تيمور هرات مان چڙهائي ڪري مهيني محرم سن ٨٠١هه (سيپٽمبر ١٣٩٨ع) ۾ هندوستان فتح ڪيو، تڏهن سيد علي ۽ سندس پٽ ۽ ساٿس گڏ هئا، جن مان سيد حيدر پنهنجي پيءُ کان موڪلائي سير سفر ڪندي اچي سنڌ جي شهر 'هالا ڪندي' (اصلي اڳيون هالا شهر) ۾ پهتو. سنڌ ۾ اهو سمن جي حڪومت وارو دور هو ۽ سندن طرفان ميران محمد 'هالا ڪندي' جي علائقي جو حاڪم هو، جنهن هالا قبيلي وارن تي ڳرو ڏنڊ وڌو، جيڪو سيد حيدر هنن جي پاران ڀري ڏنو. انهيءَ احسان جي ڪري، هالا قبيلي جي سربراهه شاهه محمد ولد دريا خان هالي، پنهنجي نياڻي سيد حيدر کي پرڻائي. هو پوءِ ٽيهن مهينا کن

(١) متعلوي ساداتن جي شجري ۾ ائين ڏنل آهي، پر انهن ۾ غالبا ڪي پيڙهيون ڪٽل آهن. امام موسيٰ ڪاظم سن ١٨٣هه ۾ وفات ڪئي ۽ سيد علي بن سيد حيدر ٨٠٢-٨٠٣هه ۾ ڄائو. اهو وچ وارو عرصو ٦١٧ سالن کن جو آهي، مگر امام موسيٰ ڪاظم کان پوءِ سيد حيدر تائين جملي ١١ پيڙهيون ڄاڻايل آهن، جيڪي انهيءَ وچ واري ٦١٧ سالن جي وڏي عرصي لاءِ گهٽ آهن. جيڪڏهن هڪ صدي لاءِ ٣ يا ٤ پيڙهيون ڳڻجن ته به جملي پيڙهيون ١٩ کان وٺي ٢٥ تائين ٿيڻ گهرجن.

هالا ڪنڊي ۾ رهيو، جو ڪيس سندس والد جي وفات جي خبر پهتي. گهر ۾ اميد واري هئي ۽ وصيت ڪيائين ته جي پٽ ڄمي ته منهن ڏاڏس جو نالو "علي" رکجؤ. پنهنجي منڊري ۽ پنهنجو خنجر نشاني طور ڇڏي پاڻ هرات روانو ٿيو ۽ هيءُ جي وفات سبيان اتي ئي رهي پيو، تان جو ٽن سالن ستاويهن ڏينهن بعد وفات ڪيائين. پويان ' هالا ڪنڊي' ۾ ڪيس پٽ ڄائو، جنهن جو نالو ' علي' رکيائون. شجري جي هن روايت موجب سيد علي سنڌي، سن ٨٠٢-٨٠٣هه واري عرصي ۾ ئي ڄائو هوندو (١). هيءُ سيد علي سنڌي (٢) جڏهن وڏو ٿيو ته هرات ويو، جتي سندس ٻه ڀاءُ (محمد ۽ حسين) موجود هئا. انهن کي جڏهن حال ڏنائين ۽ نشانيون ڏيکاريائين، تڏهن هنن ڪيس پنهنجو ڪيو ۽ پڻ پيءُ جي ورثي مان ڀتي ڏني، پر هو اتي ڪونه رهيو، پر موٽي 'هالا ڪنڊي' ۾ پنهنجي والده وٽ آيو. هرات ڪان پنهنجي چاچي شرف‌الدين کي پڻ پاڻ سان وٺي آيو، جنهن پوءِ هتي ئي وفات ڪئي.

سيد علي سنڌي ٻه شاديون ڪيون؛ هڪ سندس ناناڻن واري 'هالا قبيلي' مان ۽ ٻي ترڪن جي قبيلي مان، ۽ ٻنهي گهرن مان ڪيس جهجهو اولاد ٿيو، جنهن شجري جي مختصر خاڪي مان معلوم ٿيندو.

---

(١) سيد علي سنڌي جي هالا ڪنڊي ۾ ٨٠٢-٨٠٣هه وارن سالن ۾ ولادت ۽ سندس اولاد مان شاهه عبدالڪريم جي سنه ٩٤٤هه ۾ ولادت جي وچ ۾ جملي عرصو ١٤٣ سالن کن جو آهي، مگر وچ واريون پيڙهيون اٺ آهن؛ يعني ته پيڙهيون گهٽيون ۽ عرصو ٿورو آهي. جيڪڏهن شاهه ڪريم کان مٿي سيد علي سنڌي تائين شجرو بالڪل صحيح آهي ته پوءِ سيد علي ٨٠٢-٨٠٣هه کان اڳ ڄائو هوندو. انهيءَ جي معنيٰ ته سندس والد سيد حيدر جو تيمورلنگ سان گڏجي اچڻ واري روايت ضعيف آهي. ساڳيءَ طرح سيد حيدر سنائي کان مٿي سيد علي سنڌي تائين ڏهه پشتون آهن، پر سيد حيدر (ولادت ٥٨٧هه) کان سيد علي سنڌي (ولادت ٨٠٢-٨٠٣هه) تائين مدو بالڪل ٿورو آهي. انهيءَ جي معنيٰ ته سيد علي گهڻو اڳ ۾ ڄائو هوندو. انهيءَ لحاظ سان، سيد حيدر هراتي جو تيمورلنگ جي هندوستان تي حملي کان اڳ سنڌ ۾ اچڻ تسليم ڪري سگهجي ٿو.

(٢) سندس ڏاڏي 'سيد علي هراتي' جي نالي ۽ سندس نالي ۾ فرق ڪرڻ لاءِ هت ڪيس 'سيد علي سنڌي' ڪري لکيو ويو آهي. جيئن ته هو سنڌ ۾ ڄائو، انهيءَ ڪري اهو نالو سندس واسطي مناسب ٿيندو. ساداتن جي شجري ۾ ٻنهي نالا 'مير علي' ڪري لکيل آهن. ان دور جي فارسي اصطلاح ۾ 'سيد' بدران 'مير' لکيو ويندو هو. انهيءَ ڳالهه کي صحيح طور نه سمجهڻ سبيان پوئين دور جي مصنفن 'مير علي' پڪو نالو ڪري ڄاڻيو آهي، جيڪو صحيح ناهي. 'مير علي' معنيٰ 'سيد علي' اصل ذاتي نالو 'علي' آهي ۽ نه 'مير علي'.

'متهلوي' جو اچار ڦري 'متعلوي' ٿيو(١) جيڪو پوءِ وڌيڪ عامي اچار سان 'مٽياري' سڏجڻ لڳو. 'چانڪن جي شهر' مان 'متعلوي' سڏجڻ واري تبديلي سنه ١٠٣٨هه/١٦٢٨ع) کان اڳ واقع ٿي، ڇاڪاڻ جو ان سال تصنيف ٿيل ڪتاب 'بيان العارفين' ۾ شهر جو نالو 'متعلوي' ڄاڻايل آهي.

## مٽياري سان سيدپور (بلڙي) سنتقلي

متهلي مان 'چانڪن جي ڪوٽ' ۾ لڏي اچڻ کان ٽيهه-چاليهه سال کن پوءِ سيد شرف الدين جي ڪڙم (شرف پوٽن) سان سندس پٽ سيد جلال عرف جراڙ جي اولاد (جراڙ پوٽن) مان سيد لال محمد عرف شاهه للهه (بن عبدالمنعم) جي گهر سنه ٩٤٤ هجري (٢٠- جنوري ١٥٣٨ع) ۾ عبدالڪريم شاهه ڄائو، جنهن جي اولاد 'ڪريم پوٽن' مان شاهه عبداللطيف ٿيو. سندس وڏو ڀاءُ جلال شاهه هو. لال محمد شاهه جو گهر، مٽيارين واري جامع مسجد جي ڏکڻ - الهندي ڪنڊ سان لڳو لڳ هو، جنهن جي يادگار طور مسجد شريف جي ديوار ۾ نشان قائم ڪيل آهي. سيد لال محمد شاهه هڪ وڏو ديندار درويش هو ۽ حضرت غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني جي سهروردي سلسلي ۾ شامل هو، ۽ گهڻو وقت لاڙ ۾ غوثي جماعت جي فقيرن ۾ گذاريندو هو. غالبا بلڙي طرف به سندس اچڻ وڃڻ ٿيندو هو، ۽ اتي جا ماڻهو سندس معتقد هئا. آخر ۾ وفات بدين طرف ڪيائين، ۽ غوثي بزرگ شهاب الدين قريشي جي مقام ۾ مدفون ٿيو. هي مقام شهر بدين کان ٻه ميل کن اتر- اولهه طرف آهي ۽ عام طرح "شاهه ٻتدي (يعني 'شهاب الدين' جو مقام سڏجي" (٢)، جتي شاهه للي جي تربت هن وقت تائين موجود آهي.

تحفة الڪرام موجب شاهه للو پنهنجي وقت جو هڪ وڏو درويش هو(٣). شاهه للي کان جيڪا نيڪنامي، دينداري ۽ درويشي شروع ٿي، سا شاهه ڪريم جي ڪريمانه اخلاق ۾ آئي، ۽ پوءِ شاهه عبداللطيف جي معياري فڪر ۾ موجزن ٿي. شاهه ڪريم ننڍڙوئي هو جو سندس والد گذاري ويو، ۽ وڏي ڀاءُ جلال شاهه ۽ والده سندس پرورش ڪئي. سندس شادي مٽياري ۾ ئي ٿي، جنهن جو ذڪر 'بيان العارفين' ۾ موجود آهي. پاڻ پوءِ پنهنجي والد وانگر لاڙ طرف

---

(١) اهو گمان صحيح نه ٿيندو ته ڪو هتي ساداتن ڪي سندن ڏاڏي علي (سنڌي) يا اڃان به مٿي حضرت علي رضه جي نسبت سببان 'متعلوي' سڏيو ويو، ڇاڪاڻ جو عربي لغت جي لحاظ سان 'متعلوي' جي معنيٰ ٿيندي اهو جيڪو 'علي جي اولاد هجڻ جي دعويٰ ڪري.' اهڙي مفهوم ۾ 'دعويٰ' ۽ 'دعويٰ ۾ سمايل شڪ' وارو عيب آهي. انهيءَ ڪري 'متعلوي' واري نسبت حسب نسب واري ناهي، پر سندن رهايش واري ماڳ جي نالي سان 'متهلوي' جي بدليل صورت آهي.

(٢) شهر 'بدين' جو نالو به قريشي پير شهاب الدين جي نالي سان پيو، جو 'شهاب الدين' مان عام اچار ڦري 'شاهه بدين' ٿيو، ۽ اهو پوءِ رڳو 'بدين' رهجي ويو.

(٣) ترجمو سنڌي مطبوع سنڌي ادبي بورڊ سنه ١٩٥٤ع، ص ٤٣١.

سيد عبدالڪريم شاهه

لال شاهه سيد عبدالرحيم جمال شاهه برهان شاهه لنگر شاهه دين محمد شاهه حسين شاهه سيد عبدالقدوس

سجاده نشين (لاوائي جي ڪتاب ۾ 'لالو شاهه') سجاده نشين سجاده نشين

هنن نالن جي سناءَ ۽ ترتيب ۾ ساري مٿي ڏنل 'بيان العارفين' واري روايت سان ملي ٿي، سواءِ انهيءَ جي جو ٽئين فرزند جو نالو 'جلال شاهه' بدران 'جمال شاهه' ڪري لکيو ويو آهي. هن ڦيرگهير جو سبب سمجهه ۾ نٿو اچي، ڇاڪاڻ جو ميين شاهه ڪريم جي وڏي پاءُ جو نالو جلال شاهه هو، جنهن کيس پاليو ۽ سنڀاليو هو ۽ انهيءَ ڪري سندس نالو ٽئين پنهنجي فرزند تي رکيو هوندائين.

(ج) نالي جي هيءَ تبديلي ڀهريائين اسان کي هڪ فارسي دان شاعر ۽ اديب 'صالح محمد بن محمد افضل' جي منظوم داستان ۾ نظر اچي ٿي، جيڪو هن ١٢٣٠-١٢٤٣هه واري سالن ۾ پٽائي پيرن جي سجاده نشين لطف علي شاهه جي وقت ۾. غالبا سندس ئي ترغيب تي مرتب ڪيو. هن شاهه ڪريم کان وٺي ويندي لطف علي شاهه تائين هڪ 'مدح نامو' سنه ١٢٤٠هه مثنوي جي صورت ۾ منظوم ڪيو، جنهن جو صاف اتارو تاريخ ڀهرين ربيع الثاني سنه ١٢٤٣هه ۾ ٽي سؤ سٺ ابيات ۾ لکي پورو ڪيائين. ازانسواءِ شاهه ڪريم کان مٿيون شجرو پڻ منظوم ڪيائين ۽ پڻ سندس پنهنجي بيان موجب ڪتاب 'بيان العارفين' کي اختصار سان فارسي مثنوي ۾ منظوم ڪيائين (١)

مختصر در نظر آوردم چنين — جمله را بين در بيان العارفين.

انهيءَ جي معنيٰ ته 'بيان العارفين' جو اصل فارسي متن يا ان جو سنڌي ترجمو وٽس موجود هو. پر باوجود ان جي هن 'جلال شاهه' بدران 'جمال شاهه' لکيو. جيئن ته صالح محمد جو اهو منظوم بيان وٽندڙ هو، انهيءَ ڪري ان جا نقل مشهور ٿيا (٢)، جن جو نتيجو اهو نڪتو

---

(١) مٿي بيان ٿي چڪو آهي ته جيڪڏهن محمدرضا جي فارسي ۾ لکيل اصل "بيان العارفين" ۾ جيڪو شجرو هو سو موجود هجي ها ته ڇٽي سگهجي ها ته اصل نالو جلال شاهه هو يا جمال شاهه.

(٢) صالح محمد جو منظوم ڪيل احوال، بيان العارفين جو اختصار، پٽائي پيرن جي سجاده نشينن جو احوال، شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف جي وصال جون منظوم تاريخون وغيره شامل سڄو بياض راقم کي گهوڙڪي جي پيرن صاحبن جي ڪتبخاني جي باقي بچيل ذخيري ۾ مليو، جنهن جو نقل اتاريو ويو. صالح محمد جو اهو منظوم مواد، 'بيان العارفين' جي پوئين دؤر وارن قلمي نسخن ۾ توڙي پين ڪن بياضن ۾ پڻ اتاريو ويو آهي.

# سيد عبدالڪريم شاهه

(ميون شاهه ڪريم بلڙي وارو، ۹۴۴-۱۰۳۲هه)




ڪريم پوٽن جي شجري جي هن مختصر خاڪي ۾ جن شخصن جا نالا آيا آهن، تن بابت آخري نتيجي طور هيٺيان وضاحتي اشارا ڪري سگهجن ٿا.

# حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان رحه جي ڪلام ۾ محبت الاهيءَ جو عنصر

## ڊاڪٽر قرايشي حامد علي خانائي

سنڌي زبان جي مشهور عالم ۽ اديب ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي پنهنجي مشهور علمي ۽ ادبي شاهڪار ”لواريءَ جا لال“ ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي ته ”حضرت سلطان الاولياء جون ڪي خاص وصفون، جي سچ ڪان ٻه وڌيڪ ظاهر هيون، سي هيءَ هيون: رضا، توڪل، صبر، سخاوت، بي اسبابي، خدا جي توحيد جي طلب ۽ گوشي نشيني.“ اسان هتي هن اجوڪي مجلس ۾ خواجه محمد زمان رحه جي خدا طلبي يا محبت الاهيءَ جي باري ۾ ڪجهه ذڪر ڪنداسون.

اصحابِ طريقت ۽ ارباب حقيقت جو انهيءَ ڳالهه تي پورو پورو اتفاق آهي، ته انسان جي پيدائش جو سڀ کان اهم مقصد ۽ مطلب اهو آهي ته هو پنهنجي پالڻهار سان محبت جو پيوند ڳنڍي. اهوئي ڪارڻ آهي، جو صوفين ”محبت الاهيءَ“ کي پنهنجي زندگيءَ جو اصل مقصد ٺهرايو آهي. جڏهن هڪ شخص پنهنجي حياتي صرف الله تعاليٰ لاءِ وقف ڪري ٿو، ته پوءِ هن جي باطن ۾ هڪ انقلاب اچي ٿو. دنيا جي هرڪم ۾ سندس اهائي نيت هوندي آهي، ته الله تعاليٰ هن سان راضي ٿئي. هو کاڌو کائي ٿو، انهيءَ لاءِ نه ته کو هن کي ان کاڌي مان لذت اچي ٿي، مگر هو انهيءَ لاءِ طعام کائي ٿو، ته جيئن هن جو جسم تندرست رهي ۽ ”ذڪر الاهي“ پوريءَ طرح سان ڪري سگهي ۽ ان ۾ سستي يا ڪاهلي نه ٿئي. شيخ سعدي رحه ان لاءِ کهڙو نه سچ چيو آهي:

> خوردن براي زيستن و ذڪر ڪردن است،
> تو در گمان ڪه زيستن از بهر خوردن است.

دنيا ۾ جڏهن صوفي انهيءَ رنگ ۾ ڊنگ سان زندگي گذارڻ لڳي ٿو، ته پوءِ هن جو هر قول ۽ فعل عبادت بڻجي وڃي ٿو. هر دنيوي ڪم ۾ هن کي ”ذڪر الاهي“ جي تنوار هوندي آهي. قرآن پاڪ ۽ حديث نبويءَ مان پڻ ”محبت الاهي“ جي نوعيت ۽ ان جي اهميت تي ڪافي روشني پوي ٿي. قرآن پاڪ ۾ ”محبت الاهيءَ“ کي سڀ کان وڏي علامت ۽ خاصيت قرار ڏنو ويو آهي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد رباني آهي:



دلهاري بزرگن جي ڪتبخاني ۾ موجود سنڌي ۾ ١١ صدي ۾ لکيل قلمي ڪتاب جو هڪ ورق.

---

(بشڪريه روزانه ”عبرت“، ٢٧- مارچ ١٩٨٢ع)

- قاضي قادن جي شخصيت، ڪلام ۽ فڪر تورڙي سنڌس شعر جو زمانو، ابتدا کان ڪري سنڌ ۾ تڪراري موضوع بڻي رهيا آهن. راقم الحروف هنن عنوانن تي تفصيلي چنڊڇاڻ ڪئي آهي، جنهن ڪي عنقريب ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪيو ويندو.

(٣٢) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "ميين شاهه عنات جو ڪلام" مقدمو، ص ٤٧-٥١، سنڌي ادبي بورڊ، سال ١٩٦٣ع.

(٣٣) "سنڌ جي ادبي تاريخ" ص ٤٦-٤٧.

(٣٤) "سنڌي ادب ۽ مهدوي تحريڪ" ص ٨.

(٣٥) رچرڊ برٽن ؛ "سنڌ ۽ سنڌو ماٿر ۾ وسندڙ قومون" سنڌي، ص ١٤٢-١٤٦.



پهرين ۽ ٻي ملاقات مان اِئين معلوم ٿيو، جڻ اسين ازل کان هڪٻئي کي سڃاڻون. نهايت خوش خلق ۽ خوش مزاج. ملاقات ۾ ڳالهين ڪندي رازصاحب پنهنجي زندگيءَ جا مختلف واقعا ٻڌايا، جن مان معلوم ٿيو ته ظاهري طرح هي لفاست، لطافت ۽ نزاڪت پسند انسان آهي، پر صحيح معنيٰ ۾ صوفي منش آهي، جنهن هروقت اصولن تي تڪليفون سٺيون آهن ۽ ڪڏهن نه ٻڇتايو آهي، ڪنهن جي آڏو ڪنڌ جهڪائڻ قبول نه ڪيو آهي، پر خدا تي توڪل رکيو آهي، ۽ لالچ لوڀ کي ڪڏهن به ويجهو اچڻ نه ڏنو آهي. الهن ڳالهين مون تي ايترو اثر ڪيو، جو مون به ڏهن سالن واري پي. ڊبليو. ڊي. واري پڪي ۽ چڱي عهدي واري نوڪري ڇڏي، اسلاميه ڪاليج سکر ۾ سنڌي ليڪچراري قبول ڪئي. اها "راز" صاحب جي شخصيت هئي، جنهن مون کي ڪشش ڪئي.

ان کان پوءِ محترم "راز" سان ساٿي ٿـي ڪاليج ۾ ڪم ڪيم. هو وڏو همدرد دوست هو. هونءَ ته ڪجهه سنجيده ۽ گوشه نشين زندگي گذاريندڙ هو، پر يارن جو يار هو. سائس گڏجي ادبي محفلن ۽ جماعتن ۾ حصو ورتم، ۽ روزانو سائس گهڻو ڪيترو وقت ويهي ڪچهريون ڪيم. هرمجلس ۾ لطف اندوز ٿيندو رهيس ۽ ڪڏهن به بوريت محسوس نه ڪيم، پاڻ جيئن پوءِ تيئن محبت ۽ سڪ سوائي ٿيندي رهي. "راز" صاحب لاابالي طبيعت جو مالڪ هو، ڪنهن جي ڪاڻ ڪيڏڻ ته هن سکي ئي نه هئي، ان جي باوجود منهنجون خاميون ۽ ڪوتاهيون نظرانداز ڪري، منهنجون نازبرداريون سهندو هو. اسان ٻـي هڪٻئي لاءِ بيحد محبت ۽ عزت هوندي هئي.

شيخ عبدالرزاق "راز" مرحوم منهنجو اهو دوست هو. جنهن سان دل جو حال اوري، بار هلڪو ٿيو هو: جيڪو آٿت ڏيندو هو، ۽ جنهن جي متوڪلانه طبيعت مون ۾ اتساهه پيدا ڪندي هئي. هو مون سان ملي دلي طرح خوش ٿيندو هو، ۽ تاڪيد ڪندو هو ته ملڻ ۾ گهڻي وٿي نـه وجهندو ڪر. مون کي احساس هوندو هو تـه "راز" صاحب جا تمام ٿورا دل گهريا دوست آهن، جن سان ملڻ جـي هو دلي تمنا رکندو هو ۽ جن سان ملي هو خوش ٿيندو هو. سندس الهن دوستن جي تمام مختصر فهرست ۾ هن ناچيز جو نالو بـه شامل هو. دل گهرندي هئي تـه سائس وَرَ وَرَ ڪري ملجي، پر زماني جي گردش به انسان جو عجيب حال بڻائي ڇڏيو آهي. هن کي حالتن بيوس بڻائي ڇڏيو هو.

"راز" صاحب عجيب طبيعت جـو مالڪ هو. ڪيس گهڻن ماڻهن سان ملڻ، عام ڪچهريون ڪرڻ، ۽ هرڪنهن سان بي تڪلفانه ملڻ ۽ گفتگو ڪرڻ نـه وڻندو هو. هـو تمام ٿورڙن ماڻهن سان دل جـي خوشيءَ سان ملندو هو، خوش طبعي ڪندو هو، بي تڪلفانه گفتگو ڪندو هو، ادب ۽ فن جي مختلف موضوعن تي خيالن جي ڏي-وٺ ڪندو هو. هي ناچيز بـه انهن ٿورڙن ماڻهن ۾ شامل هو. هو مون کي دلي طرح ياد ڪندو هو، ۽ بي تڪلفانه گفتگو ڪندو هو.

دل بهار بهار ٿي ٿيندي هئي، ڇاڪاڻ جو رازصاحب سان ملاقات جو موقعو ملندو هو. هينئر سکر ويندو آهيان، ته اباڻڪو ٿي ويندو آهيان، ڇاڪاڻ جو سکر مان اها هستي هلي ويئي، جنهن جي ڪري سکر منهنجي روح جي راحت جو باعث بڻجندو هو. اڳي سکر ويندو هوس ته مٽڙي هير لڳندي محسوس ڪندو هوس؛ هينئر ويندو آهيان، ته سکر کائڻ ايندو آهي. شخصيتن جي وجود سبب ماڳن ۽ مڪانن کي ڪيڏو نه شرف آهي.

## سوانح

شيخ عبدالرزاق ولد منشي عبدالرئوف، تخلص ”راز“، جنوري ١٩١٩ع ۾ تولد ٿيو. سندس وڏن ١٨٥٧ع ۾ جنگ آزادي جي زماني ۾ بکر مان لڏي اچي سکر پراڻي ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي. راز هڪ علمي ۽ ادبي ماحول ۾ اک کولي، جنهن جو هن جي دل تي هڪ ديرپا اثر رهيو. سندس وڏا بکر ۾ مڪتب ۾ درس ڏيندا هئا. سندس پڙڏاڏو ملا عبيدالله بکر جي آخري مڪتب ۾ معلم هو. سندس ڏاڏو ماستر حبيب‌الله حبيب ماستر، هيڊ ماستر ۽ شهر جي اسڪولن جو هيڊ ماستر ٿي رهيو. هو شعر به چوندو هو ۽ ان وقت جي وڏن عالمن، بزرگن ۽ شاعرن جو صحبتي هو، جن مان سخي قبول محمد، مولانا همايوني، هزهائينس مير علي نواز ناز، مخدوم قاضي بصرالدين سيوهاڻي، ميان علي نواز علوي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مخدوم غلام حيدر هالا شريف ۽ مرحوم نور محمد قابلِ ذڪر آهن. هن ١٩٣٧ع ۾ وفات ڪئي.

”راز“ مرحوم ابتدائي ۽ ثانوي تعليم سکر ۾ حاصل ڪئي. ڪجهه وقت عليگڙهه ۽ پنجاب يونيورسٽي ۾ گذاري مئٽرڪ پاس ڪيائين. ان کان پوءِ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي مان ١٩٤٥ع ۾ بي- اي پاس ڪيائين. ان کان پوءِ ساڳي ڪاليج ۾ ايم- اي پرشن ۾ داخلا ورتائين، پر مڪمل ڪري نه سگهيو. سندس استاد ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر سدارنگاڻي جهڙا اديب، عالم ۽ تعليمي ماهر هئا. نئين ادب جي ترقي ۽ ترويج جي لاءِ سندس ڪوشش سان ڪاليج ۾ سنڌي ادبي سرڪل جو بنياد رکيو ويو، جنهن ۾ پروفيسر رام پنجواڻي، ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي، پروفيسر ڊي- ڪي منشاراماڻي، شيخ اياز، نارائڻ شيام، سگڻ آهوجا ۽ ارجن شاد وغيره حصو ورتو. راز صاحب انهيءَ سرڪل جو مسلسل چار سال جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. سرڪل جي سرپرستي آنجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻي کي حاصل هئي.

ڪاليج جي زندگيءَ کان پوءِ شيخ راز ١٩٤٧ع ۾ الوحيد ڪراچي ۾ ملازمت حاصل ڪئي. سندس ڪوشش سان الوحيد جي هفتيوار علمي ۽ ادبي ايڊيشن جو اجراءُ ٿيو، جنهن جو هو پاڻ ئي انچارج ايڊيٽر رهيو. ١٩٤٧ع جو ڪجهه عرصو هن پنجاب ۽ ڪشمير جي سير و سياحت ۾ صرف ڪيو ۽ انساني خون جي هوليءَ جا منظر هن پنهنجي اکين سان ڏٺا. آخر الوحيد جي نوڪري کي خيرباد چئي، هو سکر موٽي آيو ۽ ١٩٤٨ع جي وچ ڌاري سکر ميونسپالٽي جو چيف آفيسر مقرر ٿيو. حڪومت سنڌ جي سياست جي بار بار تغير جي بدولت راز صاحب کي

۱۹۵۴ع ۾ پنهنجي ڏاڏي جي نالي پٺيان پنهنجو ذاتي ادبي اشاعتي ادارو "حبيب پبليڪيشن" قائم ڪيائين، جنهن جي طرفان ڪيترائي سنڌي ڪتاب ڇپيا. جهڙوڪ: سنڌس پنهنجا ڪتاب؛ ڊاڪ بنگلو، سارنگ ۽ فاتح سنڌ، محترم ڪريم بخش خالد جو سنڌي صحافت، شيخ اياز جو "ڀنڀور ڪان پوءِ"، بشير موريائيءَ جو "اصنام خيالي"، مقبول صديقيءَ جو مرتب ڪيل افسانن جو مجموعو "گل ۽ مکڙيون" وغيره. ۱۹۷۱ع ۾ سنڌس ئي ڪوشش سان "شاهه لطيف يادگار ڪميٽي" قائم ٿي، ۽ جنهن جي زير اهتمام اعليٰ پيماني تي شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس منعقد ٿي، ۽ ڪجهه ڪتاب ڇپيا، جهڙوڪ: شيخ راز جو "سانگي ڪي ساريام"، ۽ آفاق صديقي جو اردو ڪتاب "عڪس لطيف".

راز صاحب باڪمال شاعر، بلندپايه نقاد ۽ منفرد افسانه نويس هو. مون سنڌس فڪر ۽ فن جو مطالعو به ڪيو هو، ته سنڌس زندگيءَ جو اپياس به تمام ويجهو ويهي ڪيو هوم. مون ڏٺو آهي ته سنڌس قول ۽ فعل ۾ ڪو به تضاد نه هو. جهڙو اندر هو تهڙو ٻاهر، ڪو تصنع ڪونه. هن جيڪي پرکيو ۽ پروڙيو، ويچاريو ۽ ويچاريو، اهو نهايت ديانتداري ۽ حقيقت پسندانه نوع ۾ بيان ڪيو. هو هن ڳالهه جو هرگز قائل نه هو ته:

"جهڙي لڳي واءُ، تهڙي ڏجي پٺ."

هن ڪڏهن به زماني جو رخ ڏسي پنهنجا اصول ۽ اقدار قربان نه ڪيا. هو ڪڏهن به شهرت جي شوق ۾، پنهنجي نظرين جي خلاف وقت جي وهڪري ۾ نه وهيو، چاهي سنڌس ويجها يار منهن مٽي ويندا. هو هرحال ۾ پنهنجي پاڻ سان سچو رهيو. هو پڪو ۽ سچو مسلمان هو، انهيءَ ڪري هن ڪڏهن به ترقي پسند هجڻ جي باوجود اسلامي عقيدن، اصولن ۽ نظرين کي ڪنهن به وقت قربان ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي. بلڪ بانيءِ اسلام، ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي شان ۾ ڏاڍي درد ۽ سوز سان نعمتون لکيون اٿس. هو سنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪ جي باني مان هو. گوبند مالهي، سوڀي گيانچندائي، نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز جن جي سٿ مان هو. هي پهريون شاعر آهي، جنهن سنڌي زبان ۾ آزاد نظم لکيو. ۱۹۴۶ع ۾ سنڌس پهريون نظم شيخ اياز جي سلسلي "اڳتي قدم" ۾ ڇپيو. ان جي باوجود هو خيال جي اظهار ۾ ڪنهن به مخصوص نظريي جو پابند نه هو.

حقيقت اها آهي ته راز صحيح معنيٰ ۾ ترقي پسند شاعر ۽ اديب هو. جدت ۽ انفراديت سنڌس فن جون خاص خوبيون آهن. هو روايت جو باغي نه هو، پر روايت کي هڪ جامد شيءِ به نه سمجهندو هو. سنڌس نظر ۾ روايت هڪ سلسلو آهي، جيڪو وقت جي ڌارا ۾ وهندو، ادب جا صحتمند قدر ۽ رجحان پاڻ ۾ سمائيندو ۽ سموهيندو اچي. انهيءَ ڪري هو روايت جو قدر ڪندي، پنهنجي فن ۾ جدت ۽ انفراديت پيدا ڪندو هو. هن صداقت ۽ زندگيءَ جي حقائق کي خلوص سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هو حسن و عشق جو شاعر به هو، ته معاشي ۽ معاشرتي حالتن کي به نظرانداز نه ڪندو هو. منجهس ڪنهن قسم جو تصنع ۽

قريب نه هوندو هو. سندس جديد نظريات، موجوده انسالي دنيا جا اقدار آهن، جن کي نهايت خوبيءَ ۽ خوش اسلوبيءَ سان نباهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. هن پنهنجي شاعريءَ جي خارجي حقيقت کي داخلي حقيقت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هو غزل جو شاعر به هو، ته آزاد نظم، گيت، بيت ۽ وائيءَ جو به. سڀني صنفن ۾ سندس مخصوص رنگ آهي، جنهن ۾ جماليات جو عنصر غالب آهي، پر غزل سان هن جو قرب هوندو هو.

هن جي شاعريءَ جا به ويرا هوندا هئا. شعر چوڻ تي ايندو هو ته ويندو هو لکندو، تمام جلد هڪ چڱو چوکو مجموعو تيار ٿي ويندو هو ۽ ڇپجي به ويندو هو. پر جيڪڏهن شعر چوڻ هڪ واري ڇڏي ڏيندو هو، ته مهينن گذرڻ تي به شعر جي ويجهو ئي نه ويندو هو. پر سون ڏنو ته اها حالت گهڻو وقت قائم نه رهي. ٿورو وقت مس گذريو، ته شعر جي جنون اچي ور سويا. اهڙيءَ طرح ڪجهه ڪجهه وقفي کان پوءِ سندس شعر جا مجموعا شايع ٿيندا رهيا "سارنگ" کان پوءِ "پيهي منجهه پاتال"، "سڄڻ سفر هليا"، "ڏڙڪنين" (اردو) ۽ "غزل" جي نالي سان سندس مجموعا ڇپيا.

شاعر هجڻ سان گڏ راز صاحب سٺو نثر نويس به هو. هن افسانا به لکيا آهن، ته ناول به، ڊراما به لکيا اٿس، ته خاڪا به. ان کان سواءِ مختلف موضوعن تي ڪيترائي مضامين، تنقيدي ۽ تحقيقي مقالا، سفرناما ۽ تاريخي ڪتاب لکيا اٿس. سندس ڪتابن جا نالا هي آهن:

(۱) ڊاڪ بنگلو (افسانن جو مجموعو)، (۲) فاتح سنڌ (تاريخي ڊرامو)، (۳) نئون آدمي (ناول)، (۴) سانگي ڪي ساريار (خاڪن جو مجموعو)، (۵) تنقيد ۽ تجزيو (تنقيدي مقالن جو مجموعو)، (٦) سنڌي غزل جو تجزيو (سنڌي غزل جو تاريخي ۽ تنقيدي جائزو)، (۷) تاريخ سلطنت دهلي (تاريخ)، (۸) شرح سر يمن ڪلياڻ، (۹) شرح ڪلام گرهوڙي، (۱۰) شرح ديوان گل.

راز صاحب مرحوم سنڌي سان گڏ اردو ۽ انگريزي ۾ شعر، مضامين ۽ ڪتاب پڻ لکيا. انگريزي ۾ سکر شهر جي تاريخ ۽ ثقافت بابت ڪتاب Sukkur-Past & Present ڇپيو. شاهه لطيف جي رسالي جي رومانوي داستانن بابت اردو ۾ سندس ڪتاب "ساروي کي ديس ۾" ڇپيو. سندس اردو شعر جو مجموعو "ڏڙڪنين" جي نالي سان ڇپيو.

---

# سقراط — عدالت ۾

فضل احمد بچاڻي

[سچائيءَ جي عظيم علمبردار سقراط جي ڪهاڻي طويل آهي. ۳۹۹- قبل مسيح ۾ هن تي "بدعتي هئڻ، سماج ۾ روڳ پکيڙڻ ۽ جوانن جو ذهن بگاڙڻ" جي ڏوهه ۾ مقدمو هلايو ويو ۽ "ناڪافي بچاءُ ۽ ناڪافي صفائي پيش ڪرڻ" جي نتيجي ۾ هن کي موت جي سزا ڏني وئي ۽ هن ڏاڍي دلجاءِ ۽ خوشيءَ سان زهر جو پيالو پيتو. حقيقت هيءَ هئي ته هو سچ ٻڌڻ ۽ سچ سمجهڻ ۽ سچ سمجهائڻ جو "ڏوهي" هو ۽ وقت جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي رکوالن وٽ سچ جي رواج ۽ سچ جي حڪمراني سهسائڻ جو حوصلو نه هو.

انهيءَ تاريخي مقدمي ۾، جيڪو سياسي تاريخ کان علاوه فلسفي جي تاريخ جو به هڪ اهم ستون آهي، هن مهان ڏاهي جيڪو بيان ڏنو، تنهن ۾ حق ۽ لاحق، سچ ۽ ڪوڙ، زندگي ۽ موت، انسان ۽ خدا جي رشتن جهڙن سڀ رمزون سمايل آهن. سقراط جي سعادتمند شاگرد افلاطون سندس گفتا قلمبند ڪيا آهن. هتي انهن ڊائلاگس جي هڪ حصي APOLOGY جو ترجمو ۽ تلخيص ڏجي ٿي، جنهن حصي ۾ سقراط جو اهو عدالتي بيان آهي. مقصد هي آهي ته اسين پنهنجي تحرير ۽ تقرير ۾ جن هستين جا نالا ورجائي ٿا کڻون ته جيئن ڏاها سمجهڻ ۾ اچون، تن بابت وڌ ۾ وڌ معلومات به هجي.

جيئن ته مضمون ۾ فوٽ نوٽن جي گنجائش نه آهي، ان ڪري سمجهاڻيون ۽ نوٽ مضمون جي ئي اندر ڏنگين ۾ ڏنا اٿم - سڌين ڏنگين ۾ انگريزي ترجمي جي مترجم جا ۽ اڏين ڏنگين ۾ پنهنجي طرفان-

انهيءَ ڪتاب "The last days of Socrates" جا باقي حصا سقراط جي ڪردار، هن جي جيل ۾ گهاريل ڏينهن ۽ موت کان اڳ جي گفتگو تي آهن. بچاڻي]

صاحبو:

مون کي اها ته خبر ڪانهي ته مون تي مقدمو قائم ڪرڻ وارن مدعين اوهان تي ڪهڙو اثر قائم ڪيو آهي، پر جيتريقدر منهنجو واسطو آهي، هنن جا دليل ايترا ته اثرائتا آهن جو مون کي ته ذري گهٽ پاڻيءَ مان ئي ڪڍي ڇڏيو اٿن، جيتوڻيڪ هنن جيڪي ڪجهه به چيو آهي تنهن جو ڪو هڪ اکر به صحيح ڪونهي. مون کي گهڻي حيراني هنن جي انهيءَ غلط بيانيءَ تي ئي آهي، جو هنن اوهان تي زور پريو آهي ته منهنجي دولاب کان بچجو- متان آءٌ اوهان کي

باہت اهي اثر زائل ڪريان، جي تمام ڏکي عرصي ۾ قائم ٿيا آهن، ڇاڪاڻ جو اوهان جي ذهن جو صاف ٿيڻ مون سان گڏوگڏ خود اوهان جي لاءِ بہ فائديمند آهي. آءٌ تہ چاهيندس تہ پنهنجي بچاءَ جي ڪوشش ۾ ڪامياب ٿيان، پر اهو بہ ڏسان پيو تہ اهو ڏاڍو مشڪل آهي. خير، اهو ڪجهہ تہ ٿيندو ئي جيڪو خدا چاهيندو، مون کي هرحال ۾ قانون جي پوئواري ڪندي پنهنجو بچاءُ پيش ڪرڻو آهي. مون کي پنهنجي ذميداري جي نوعيت جو پورو احساس آهي.

پهرين اڇو تہ انهيءَ شروعاتي نڪتي تي پهچي ڏسون تہ اهي ڪهڙيون تهمتون آهن جن مون کي ايترو نامقبول ڪيو آهي ۽ جن "ميليطس" (مدعين مان هڪ) کي منهنجي خلاف هي مقدمو قائم ڪرڻ جو حوصلو ڏنو. تہ هاڻي آءٌ مدعين جو اهو بيان پڙهان ٿو جو هن عدالت ۾ داخل ڪيو آهي ۽ جنهن موجب منهنجي ڪردار تي حملو ٿيو آهي. هن چيو آهي تہ: "سقراط ڪن معاملن ۾ وچ ۾ ٽپي پوڻ جي مجرماڻي حرڪت ڪئي آهي تنهنڪري ڏوهاري آهي. هو انهيءَ ڏس ۾ ڌرتيءَ جي اندر توڙي آسمان ۾ موجود شين بابت پڇ پڇان ۽ کوجنائون ڪندو رهي ٿو، ۽ ڪمزور دلين سان مضبوط دلين کي مات ڏيندو رهي ٿو، ۽ ٻين کي پڻ پلائيندو رهي ٿو تہ سندس پوئلڳ ٿين."- ڪجهہ اهڙو ئي بيان آهي منهنجين مدعين جو. اوهان پاڻ ارسطوفين جو ڊرامو ڏٺو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ سقراط پولارن ۾ چڪر ڪاٽي رهيو آهي ۽ هوائن تي هلڻ جون دعوائون ڪري رهيو آهي، ۽ پيون بہ ڪي اهڙيون ئي مورکپايون ڪري رهيو آهي- هن مون سان اهي ڪم ۽ شيون منسوب ڪيون آهن جن جي مون کي ڪابہ خبر ڪانهي.

صاحبو- آءٌ ائين نٿو چوان تہ (زمين جي تهن ۽ آسمانن جي) اهڙي علم ۽ عرفان کي آءٌ ڪا اهميت ئي نٿو ڏيان. ڪوبہ ماڻهو اهڙي علم ۾ پڙ تي سگهي ٿو، پر منهنجو چوڻ هي آهي تہ مون اهڙي علم سان ڪڏهن چاهہ ناهي رکيو. تنهنڪري ميليطس صاحب منهنجي خلاف ڪا وڌيڪ قانوني ڪاروائي نہ ڪري (تہ بهتر ٿيندو). توئين اوهين سڀ، جن مون کي تقريرون ڪندو ٻڌو آهي، منهنجا شاهد ٿيو ۽ ٻڌايو تہ ڇا اوهان ڪڏهن مون کي انهن موضوعن تي گفتگو ڪندو ٻڌو آهي؟ تفصيل سان ڪي اختصار سان! حقيقت هيءَ آهي تہ انهن الزامن ۾ ڪو وزن ئي ڪونهي. اهو بہ غلط آهي تہ آءٌ ماڻهن کي سکيا ڏيڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان ۽ انهيءَ جو ڪو اجورو ٿو وٺان. ڪاش، ائين ئي ٿي سگهي ها، ڇاڪاڻ تہ منهنجي خيال ۾ اها هڪ سگهي ڳالهہ ٿيندي تہ جي ڪو ماڻهو ڪو علم سيکارڻ جو اهل آهي تہ ڀلي ماڻهن کي پنهنجو شاگرد بنائي ۽ هن کان اجورو بہ وٺي، جيئن "گورگياس، پروڊيڪس ۽ هپياس" ڪندا آهن. هتي "پيروس" وارو "ايوي نس" موجود آهي، جو هڪ ماهر سوفسطائي Sophist آهي ۽ جيڪو نهايت واجبي اجورو وٺي ماڻهن کي پنهنجن نظرين جي سکيا ڏئي ٿو. آءٌ بہ جي انهيءَ هنر جو ڄاڻو هجان ها تہ جيڪر مٿي تي پرن جو ڇٽُ رکان ها ۽ ڏاڍو پاڻ پڏايان ها، پر صاحبو آءٌ اهي هنر ڪونہ ڄاڻان- (سوفسطائي انهيءَ کي چئبو آهي جيڪو غلط مگر اثرائتن

تہ صاحبو، اھوئي سبب آھي جو آءٌ ھڪ سچو اطاعت گذار ٿينجي جتي ڪٿي پند ڪندو وٺس ۽ خدا جي انھيءَ حڪم جي تعميل ۾ شھر توڙي ٻاھر جي جاتل توڙين اڻجاتل ڏاھن ۽ ڏاھپ جي دعويدارن کي تلاش ڪندو رھيس ۽ اھڙن ناليچڙھين ڏاھن جي سڪئين دعوائن کي رد ڏيندو غلط ثابت ڪندو رھيس ۽ انھيءَ ريت خدا جي مقصد جي پوئواري ڪندو رھيس. انھيءَ شغل ۾ آءٌ ايڏو رڌل رھيس جو پنھنجن سياسي توڙي ذاتي ڪمن کان بہ بي خبر ٿي ويس ۽ انھيءَ خدائي خدمتگذاري جي نتيجي ۾ ڪنگال ٿينجي ويس.

منھنجي نامقبوليت جو ھڪ ٻيو سبب بہ آھي - گھڻي تعداد ۾ نوجوان، جن جا پيئر شاھوڪار آھن ۽ جن وٽ واندڪائي بہ ھيڪاندي آھي، منھنجا ساٿاري ٿينجي ويا آھن، ڇاڪاڻ جو آءٌ جي ماڻھن کان سوال جواب ۽ آڏيون پڇائون ۽ دليلبازي ڪريان ٿو، تنھن ۾ ھنن کي ڏاڍو مزو ٿو ملي. پوءِ ھو مون کي ھڪ نمونو بنائي (ساڳئي نوع سان) ٻين ماڻھن سان سوال جواب ۽ دليلبازي ڪن. منھنجي خيال ۾ انھن نوجوانن کي وڏي تعداد ۾ دانائي جا دعويدار نادان مليو وڃن. نتيجو اھو ٿو ٿئي جو اھي ماڻھو ناراض ٿيو پون - انھن نوجوانن کان نہ، بلڪ مون کان! تنھنڪري اھي جتي ڪٿي اھي شڪايتون ڪندا وتن ٿا تہ سقراط نالي ھڪ وبا جي صورت خدائي فوجدار پيدا ٿيو آھي، جو نوجوانن جا ذھن خراب ڪندو رھي ٿو. پر جي اوھين انھن (شڪايت ڪندڙن) کان پڇو تہ سقراط ڇا ٿو چوي ۽ ڇا ٿو سيکاري، جو اھو بگاڙ ٿو پيدا ٿئي، تہ ھو ڪو جواب نٿا ڏيئي سگھن، ڇاڪاڻ جو جواب ھو ڄاڻن ئي ڪونہ ٿا، ۽ جيئن تہ ھو پنھنجي انھيءَ مونجھہ کي تسليم ڪرڻ بہ نٿا چاھين، تنھنڪري وري انھيءَ بھتانبازيءَ تي لھيو اچن تہ ھي فيلسوف پنھنجن شاگردن کي ڌرتيءَ جي تھن ۽ آسمانن جا ڀيد ٿو ٻڌائي، ديوتائن جو منڪر آھي ۽ ناقص دليلن سان غالب دليلن کي مغلوب ڪري ٿو ڏيکاري. ھو اھا حقيقت اصل تسليم نہ ڪندا تہ ھو نادان آھن ۽ نادانيءَ جي زعم ۾ مبتلا آھن. ان طرح ھو پنھنجي ئي ناموس بابت پنھنجي ئي حسد جو شڪار آھن (ناموس جي حرص ھنن کي حاسد بنائي ڇڏيو آھي، پنھنجي ناموس لاءِ پاڻ سان ئي حسد ڪن ٿا.)

توڙي ھو زور وارا آھن، تعداد ۾ بہ گھڻا آھن ۽ ھنن ڪي ھڪ "ظاھر ۾" دلچسپ ۽ ھوشياريءَ سان تيار ڪيل (ھي) مقدمو ملي ويو آھي. ھو ڪافي عرصي کان اوھان جي ڪنن ۾ مون بابت زھر اوتيندا رھيا آھن. تہ صاحبو، ميليطس، اني طس ۽ لائڪون اجھو انھن بنيادن تي مون مٿان ھي مقدمو مڙھيو آھي! ۽ منھنجي اھا صاف گوئي بہ منھنجي نامقبوليت جو ڪارڻ ٿي آھي، ۽ سچ پچ تہ اھوئي ثبوت آھي منھنجي بيان جي سچائيءَ جو. مون پاڻ تي لڳل بھتانن جي اصل نوعيت خوبي ۽ سچائيءَ سان بيان ڪئي آھي.

ھاڻي پھرين آءٌ ميليطس جي مڙھيل ڏوھن بابت پنھنجو بچاءُ پيش ڪندس. ھي صاحب وڏو اصول وارو ۽ وطن پرست ھئڻ جي دعوي ٿو ڪري. ھو چوي ٿو تہ سقراط نوجوانن جو ذھن ٿو بگاڙي ۽ رياست طرفان (سرڪاري طور) تسليم ٿيل ديوتائن کان علاوہ ڪن ٻين

ڪنهن خاص ڪم تي مجبور به نه ڪندو هو. جي آءٌ رواجي ڪمن ۾ پوان ها ته سياست ۾ حصو وٺان ها، جنهن جي نتيجي ۾ -- پاڻ کي توڙي اوهان کي ڪو فائدو پهچائڻ کان سواءِ ئي -- پنهنجو سر وڃائي ويهان ها.

مهرباني ڪري منهنجي هن صاف گوئي تي ناراض نه ٿجو. ظاهر آهي ته جيڪو ماڻهو پوري هوش حواس سان اوهان جي يا ڪنهن جمهوري اداري جي مخالفت ڪندو، خود سياسي ڪمن کان پاسو ڪندو ۽ سياسي غلاطين ۽ بي قاعدگين کان بچڻ جي ڪندو، سو مشڪل سان ئي (اوهان جي) عتاب کان بچندو.

جيڪو انصاف جو سچو سورمو آهي، سو جي زنده رهڻ چاهي -- ڪٿي ٿوري وقت لاءِ سهي -- تنهن کي کپي ته گوشه نشيني اختيار ڪري ۽ سياست کي اڪيلو ڇڏي ڏي.

هن سلسلي ۾ آءٌ ڪي حقيقي دليل پيش ڪندس، جن کي اوهين جيڪر قدر جي نگاهه سان ڏسي ۽ سمجهي سگهو ته اوهان کي معلوم ٿيندو ته آءٌ محض موت جي خوف کان ڪنهن قوت آڏو جهڪڻ وارو نه آهيان، نه ته ظاهر ۾ اها هڪ رواجي ڳالهه آهي: ڪائونسل جي چونڊيل ميمبر جي حيثيت سان آءٌ هڪ واحد شخص هوس، جنهن اوهان جي غيرآئيني ڪمن جي مخالفت ڪئي، بنان ڊپ ڊاءِ جي اوهانجن غلط فيصلن جي خلاف راءِ ڏنم، اوهين مون کان ناراض ٿيا، مون کي خطرناڪ نتيجن جون ڌمڪيون ڏنيون ويون، پر مون حق ۽ قانون جو پاسو نه ڇڏيو ۽ اوهان سان ناجائز ڪمن ۾ شريڪ نه ٿيس. اهو سڀڪجهه تڏهن ٿيو، جڏهن پاڻ وٽ اڃا جمهوري راڄ هو. پوءِ جڏهن امراءِ جي حڪومت (آليڪارچي) آئي ته هنن (اڃا وڌيڪ انياءَ ڪيا ۽) وڌ کان وڌ ماڻهن کي پنهنجين بڇڙاين ۾ ملوث ڪرڻ ۽ ڦاسائڻ لاءِ قدم کنيا. اهڙين حالتن ۾ به مون موت جي خوف کان آزاد رهي، حق ۽ انصاف جو عملي ساٿ ڏنو. حڪومت ۽ ان جا حواري اهي ظالمانا ڪم ڪندا رهيا ۽ آءٌ گهر هليو آيس (حڪومت جو ساٿ نه ڏنم). حڪومت مون کي موت جي سزا ڏيڻ جا سانباها ڪيا، پر انهيءَ کان اڳ اها پاڻ ئي ختم ٿي وئي، نه ته منهنجو بچڻ مشڪل هو. منهنجي هن دعويٰ جا هتي ڪيترا شاهد موجود آهن.

اوهين سمجهو ٿا ته آءٌ حڪومت جي ناجائز ڪمن ۾ شريڪ ٿي به عزت جي زندگي گذاري سگهان ها؟ نه صاحبو نه! ويتر آءٌ حق جو پرچار ڪرڻ کان به وڃان ها. بهرحال آءٌ هميشه حق ۽ انصاف تي قائم رهيو آهيان ۽ ان سلسلي ۾ مون انهن سان به ڪا رو رعايت نه ڪئي آهي، جن کي عام طور تي ڏاڍي بدنيتي سان منهنجو شاگرد چيو وڃي ٿو. نه مون پنهنجي پرچار جو ڪڏهن ڪو اجورو ورتو آهي، نه ڪڏهن غريب امير جو فرق رکيو اٿم. مون هميشه رياڪاري ۽ منافقت کان سواءِ حق جو کليو پرچار ڪيو آهي. پوءِ جي ڪو ماڻهو سلڇڻو ٿيو آهي يا ڪلڇڻو، ته انهيءَ لاءِ آءٌ ذميوار نه آهيان، ڇاڪاڻ ته فقط پرچار منهنجي ذمي آهي، ڪنهن کي نيڪ يا بد بنائڻ منهنجي ذمي ۽ اختيار ۾ نه آهي.

پنهنجو ڪردار ۽ عمل سڌارڻ وڌيڪ بهتر آهي. انهن لاءِ جن منهنجي موت جي سزا جي حمايت ڪئي آهي، هي منهنجو آخري پيغام آهي.

۽ هاڻي منهنجو رخ انهن ڏانهن آهي، جن منهنجي موت جي سزا جي مخالفت ڪئي ۽ منهنجي آزاديءَ جي سفارش ڪئي:

آءٌ اوهان سان ٻه چند اکر ڳالهائيندس ته جيئن اوهين منهنجي انجام جي حوالي سان پنهنجي سوچ ۽ فڪر جي واٽ ڳولهيو. عملدار پنهنجي ڪم ۾ مشغول آهن ۽ آءٌ اجا موت جي جاءِ تي نه پهتو آهيان. اوهين منهنجا دوست ۽ خيرخواهه آهيو ۽ آءٌ چاهيان ٿو ته منهنجي معاملي ۾ صحيح رخ سان ڏسو.

جيوري جا احترام لائق صاحبو! سچ ته فقط اوهين ئي اهڙن اکرن سان مخاطب ٿيڻ جي لائق آهيو (جن منهنجي حق ۾ انصاف ڪيو). مون کي هڪ زبردست تجربو ٿيو آهي. اڳي هيئن ٿيندو هو جو اهو هاتفي آواز، جيڪو لاڳيتو مون تائين پهچندو هو، سوئي هردم منهنجو ساٿي ۽ هر راهه هوندو هو ۽ مون کي ذري پرزي جيتري رواجي ڪان رواجي خطا تي ٻه جهل پل ڪندو هو، پر هاڻي (اڄ) مون سان هي پهريون ئي معاملو ٿيو آهي، جو انهيءَ هاتفي آواز ڪنهن به مرحلي تي مون کي روڪ نه ڪئي آهي، نه ڪو بچاءُ جو اشارو ڏنو آهي، جڏهن ته اوهين سمجهو پيا ته (اوهان جي ليکي) آءٌ هڪ وڏي مصيبت (موت) کي قبول ڪرڻ جي غلطي ڪري رهيو آهيان! انهيءَ اشاري مون کي ان وقت به نه روڪيو جنهن وقت اڄ صبح آءٌ گهر کان نڪتس، نه ان وقت جڏهن آءٌ عدالت ۾ اچي ويٺس ۽ نه ئي انهيءَ بيان جي دوران جو مون هتي ڏنو، جڏهن ته اڳي اهو آواز مون کي منهنجي گفتگو جي وچ ۾ به ٽوڪيندو هو—
تنهن جو مطلب آهي ته منهنجو اهو ايقان صحيح ۽ پختو آهي ته منهنجي زندگيءَ جو هي حادثو، يعني هي مقدمو ۽ موت جي سزا مون لاءِ هڪ وڏي رحمت آهي ۽ جي اسين موت کي هڪ بڇڙي شيءِ ٿا سمجهون ته اها اسان جي غلط سوچ آهي. جي آءٌ ڪنهن خراب انجام ڏانهن وڌندڙ هجان ها ته منهنجو اهو همراهه مون کي ڪا روڪ ضرور ڪري ها.

موت جي هڪ نعمت هئڻ جا پيا به ڳهڻائي بنياد ۽ دليل آهن، جن تي اسين پنهنجون بهتر اميدون ٻڌي سگهون ٿا. موت—هنن ٻن شين مان هڪ ضرور آهي: موت يا ته هڪ مڪمل فنا يا نيستي آهي ۽ مرڻ بعد انسان جي ڪابه احساساتي قوت يا صلاحيت باقي نٿي رهي يا ته موت محض هڪ تبديلي آهي، جيئن اسان کي ٻڌايو ويجي ٿو. صحيح اهو آهي ته موت هڪ (محض) تبديلي آهي، (آرفي مت جو پرچار ڪيل اهو نظريو ائٿينس شهر ۾ اڳ ئي موجود هو). جنهن موجب روح هڪڙيءَ جاءِ تان ٻيءَ جاءِ ڏانهن هجرت ڪري ٿو. تڏهن انهيءَ حساب سان جو موت احساسات جي مڪمل فنا نه آهي، بلڪ هڪ سپنن ۽ خوابن کان خالي ننڊ آهي، موت هڪ نهايت شان وارو نفعو آهي، آهراسو آهي!

جيئن آءٌ اوهان تي ڪندو رهيو آهيان. اهڙيءَ طرح اوهين هنن کان منهنجو انتقام وٺي ڇڏجو ۽ جي هو بي سبب ۽ بي جواز پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ لڳن ۽ پاڻ پڏائڻ لڳن ته به هنن کي اڏين ڏي جٺ پٺ ڪجو، جيئن آءٌ اوهان کي جٺ پٺ ڪندو رهيس. جي اوهان ائين ڪيو ته آءٌ (پيءُ دنيا پر) سمجهندس ته اوهان انصاف ڪيو، حساب برابر ڪيو -- منهنجو توڙي منهنجي اولاد جو!

ته صاحبو، هاڻي هلڻو آهي -- مون کي مرڻ لاءِ ۽ اوهان کي وڌيڪ زنده رهڻ لاءِ. پاڻ پنهي ڌرين مان ڪنهن جو انجام بهتر آهي ۽ ڪنهن جو بدتر، تنهن جي خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به خبر ناهي.



انهن جي سر سر مان عظمت جهلڪندي آهي. لس ٻيلي جو ريسٽ هائوس به ننڍڙو پر اهڙوئي هڪ وڻندڙ تاريخي يادگار هو. غالبا اوڻويهينءَ صديءَ جي پوئين اڌ ۾ ٺهيو هو. اسان هٿ منهن ڌوتو ته علي رضا اچي ڪن ۾ سرباٽ ڪيو ته مون اوهان جي چوڻ موجب لس ٻيلي جي سڪ‍ڙن ڳائڻ ۽ لوڪ ناچن جو انتظام ڪيو آهي. شام، ڪئرن ۽ مسان، علي رضا سان گڏ، هڪ شاميانيءَ ۾ اچي ويٺاسين، جتي سؤ کن ماڻهو اسان جا منتظر هئا. هو سنڌي، بلوچي ۽ مڪراني ٻولين ڳالهائي رهيا هئا. اسان جي پهچڻ سان راڳ ۽ ناچ شروع ٿيا. راڳ جا ٻول گهڻو ڪري بلوچي يا مڪراني هئا. البت زالن جي ڳيچن ۽ سهرن جي لئي، لب ۽ لهجي ۾ سنڌي جهلڪ نمايان هئي. مقامي هندو فنڪارن جيڪو ڏانڊيا ناچ ڏيکاريو، اهڙو ساڳيو ناچ مان ويهارو ورهيه اڳ شڪارپور ۾ ڏسي چڪو هوس. البت شيدين جو مڪرسا ناچ، جنهن جو نالو سنڌي ادبي بورڊ جي فائيلن ۾ پڙهيو هوم، سو پهريون دفعو لس ٻيلي ۾ ڏٺم. راڳ ۽ ناچ جي مجلس جو مزو وٺي، اسان سنگت کان موڪلايو ۽ اچي ڪاڏي جي ميز تي ويٺاسين. مون علي رضا کي فون تي تمام سادي ڪاڏي لاءِ تاڪيد ڪيو هو، پر ان جي باوجود ميز تي پڪل گوشت، ڪيترن قسمن جا پوڙ، ڀاڄيون، پلاءُ، مڇي، مٺائي ۽ ميوا موجود هئا.

ماني ڪائي اسان ڪلاڪ کن ڪچهري ڪئي، پوءِ سير لاءِ ٻاهر نڪتاسين. علي رضا ٻه تجويزون اڳيان رکيون: هڪ هيءَ ته شهر کان ٻاهر جبلن ۾ قديم زماني جون غارون آهن، سي هلي ڏسجن، ٻي هيءَ ته شيرين فرهاد جي قبر هلي ڏسجي. اسان پوئين تجويز پسند ڪئي، جو ان مان عشق جي خوشبوءِ ٿي آئي.

شام جي مهل هئي، ٿڌڙي هير پئي لڳي. اسان ٽي-چار موٽرون ساڻ ڪئيون. ستت اسان لس ٻيلي جي ميداني علائقي کي ڇڏي، تربت ۽ گوادر ويندڙ رستي سان، جبلن ۾ داخل ٿياسين.

جابلو علائقي جا سڀ کان سهڻا نظارا مون اترين علائقن ۾ گلگت ۽ هنزا کان ٻه اتر پر، چين ڏانهن ويندڙ شاهراهه ريشم تي ڏٺا آهن. اتي قراقرم ۽ همالا جبل پاڻ ۾ اچي ملن ٿا. شاهراهه ريشم جي هڪ طرف سنڌو درياءُ ڪڙڪا ڪندو وهي ٿو ته ٻئي طرف آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ سرسبز جبلن جون قطارون آهن، جن جون چوٽيون ٻارهن ئي مهينا برف سان ڍڪيون پيون آهن. رستي تي قدرت جي عظمت جا اهڙا ته خوبصورت منظر آهن، جي ڪوبه انسان سڄي عمر وساري نه سگهندو. بلوچستان وارا جبل انهن جبلن کان هن طرح مختلف هئا ته هي صفا سڪل ۽ خشڪ هئا. وڻ ٽڻ ته ٺهيو پر گاهه جو هڪ پن به مٿن موجود ڪونه هو. سون هزارن سالن جي برساتن ۽ هوائن انهن جون عجيب شڪليون ٺاهي ڇڏيون هيون، جي اهڙيون ته پياريون ۽ دلاويز هيون جو مان سوچ ۾ پئجي ويس ته هي نظارا وڌيڪ سهڻا آهن يا قراقرم ۽ همالا جبل وارا. اسان هڪ اهڙي علائقي ۾ داخل ٿياسين، جتي سڄي جا سڄا جبل مٽيءَ مان ٺهيل هئا. حقيقت اها آهي ته ان خوبصورت منظر کي بيان ڪرڻ لاءِ لفظ ڪافي ناهن.



سکردوءَ ۾ سنڌو درياءُ پاڪستان جي علائقي ۾
داخل ٿي رهيو آهي.

ٻلي آئين
〃 جي آئين
〃 درياءَ شاهه

- حيدر بخش جتوئي



سيف الملوڪ ڍنڍ قدرتي حسن جو لاجواب شاهڪار آهي.
مون ائين محسوس ڪيو ته جيڪڏهن پرين کي چوڏهين جي رات
واقعي ناچ ڪرڻو آهي ۽ ناچ کانپوءِ غسل به فرمائڻو آهي ته
سيف الملوڪ ڍنڍ ان مقصد لاءِ موزون ترين هنڌ آهي.



بلوچستان ۾ مٽيءَ مان ٺهيل جبل ۽ مٿن

وڻ ٽڻ ته ڇا، ٻر گاهه جو ڪو ٻَنُ به ڪونه هو.



ڊاڪٽر شمل هيليڪاپٽر جو نالو ملائڪ رکيو ... هيلي ڪاپٽر
جي ڪپتان انوارالحق مون کي اچي اطلاع ڏنو ته
"ملائڪ پرواز لاءِ تيار آهي"



ڪيچ مڪران ويندڙ قديم شاهراهه تي

شيرين فرهاد جون قبرون



جڏهن اسان اٺن تي سوار ٿياسين ته هيلي ڪاپٽر جي
ڪپتان انوارالحق کلي چيو ته، "رباني صاحب
ويهين صديءَ مان (هيلي ڪاپٽر مان) ڏهين صديءَ ۾
(اٺن جي پٺيءَ تي) هي سفر به عمر ڀر ياد رهندو"



آسا پوريءَ تي تندا نار کوکاکولا ٻلي
اسان پنهنجي اج لاتي.



هنگلاج ۾ چاءِ

علي رضا، غلام رباني، شمل، ڪئرن ۽ پٺيان پوڄاري

اسلام آباد ۾ هڪ رات انهن پورهي پاترين اچي منهنجو در ڪڙڪايو. ساڻن گڏيو هنڪلاج هليو ويس. هو هنڪلاج پيتي پوئتي موٽيا، مان اڳتي وڌيس. منهنجي ڏاڏي يارهن حج ڪيا هئا. تن ڏينهن ۾ اڃا پاڻيءَ جا آڳبوٽ ايجاد ڪونہ ٿيا هئا، ان ڪري شروعاتي ست حج پيادل ڪيائين ۽ باقي چار آڳبوٽن وسيلي ڪيائين. مان سندس نقشِ قدم تي "هنڪلاج جي غار" کان هلندو هلندو وڃي "غارِ حرا" تي پهتس. غار ۾ اندر وڃڻ جي همت مون ۾ ڪانہ هئي. لمندڙ اکين سان غار جي چائنٺ کي چميم ۽ سيائي سعديءَ جي لفظن ۾ چيم: "اي گل بتو خورسندم ڪہ تو بوي ڪسي داري." چگي چگيءَ دير تائين غار جي چائنٺ وٽ ويٺو رهيس. اتي منهنجي بي‌قرار روح کي ڏاڍو قرار آيو. جڏهن موٽي اسلام آباد پهتس تہ سفر جي ٿڪ سبب سمهي پيس. صبح جو ننڊ مان اٿيس تہ پٺائيءَ جو هي بيت زبان تي هو:

ٻڏاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين
هئا اڳهم گڏ، پر پڌڻ ۾ پر ٿيا.



# جهوڪ واريءَ جنگ بابت ٻن خط

## عبدالرسول قادري بلوچ

سنڌ سونهاري، سورهين ۽ سروڻن، عالمن ۽ عارفن، مجاهدن ۽ مانجهي مهيرن جي سرزمين پئي رهي آهي. انهن سورهيه سرويچن ۽ مانجهي مردن مان آزاديءَ جو اڳواڻ، لاڙ جو اهڃاڻ ۽ سورهين جو سرواڻ حضرت شاهه عنايت صوفي به آهي، جيڪو حق ۽ هدايت، جرئت ۽ حريت جو مظاهرو ڪندي، سر ڏيئي سرهو ٿيو. شاهه عنايت جهوڪ واري جي شهادت (١٥ صفر ١١٣٠هه) جو احوال سنڌ جي تاريخ جو پرسوز ۽ ٻارهين صدي هجريءَ جي اوائلي دور جو وڏو دردناڪ واقعو آهي. ان ڪارروائي ۾ مغلن سان گڏ سنڌ جا مقامي ماڻهو به شامل هئا. ميان يارمحمد ڪلهوڙو به ميدان جنگ ۾ موجود هو. محقق سنڌ سيد حسام الدين راشدي لکي ٿو: ”انهيءَ ظالمانه ڪارروائي ۾ جيڪي ڏريون مغلن سان ڪلهوڪلهي ۾ ڏيئي بيٺيون، انهن جي پيشانيءَ تان بدناميءَ جو ٽڪو ۽ انهن جي دامن تان اهو خوني داغ، نه لهڻ جو آهي نه ڌوپڻ جو... اهو حادثو سنڌ اندر مغلن جي زوال واري دور ۾ ٿيو ۽ اهو الميو تڏهن ٿيو، جڏهن ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جي ابتدا ٿي رهي هئي. سيوهڻ تائين ميان يارمحمد جو قبضو ٿي چڪو هو ۽ ٺٽي واري حصي مٿان سندس اکيون هيون...“(١).

ٻئي طرف مولانا غلام رسول مهر تاريخ ڪلهوڙا ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي کي مجبور ڄاڻايو آهي ته مرڪز جي حڪم آڏو هو بيوس هو ۽ سرڪاري ڪارندي جي حيثيت ۾ ان فوجي ڪمڪ اعظم خان کي پهچائي هئي ۽ شاهه عنايت صوفي سان ان جي ڪابه دشمني ڪانه هئي (٢).

ڪلهوڙا دور تي تحقيق جي سلسلي ۾ محترم سيد حسام الدين راشدي، منشورالوصيت فارسي (مصنف ميان نورمحمد ڪلهوڙو) ۽ ان سان گڏ اٺ فارسي ضميما شامل ڪري، سنڌي ادبي بورڊ طرفان ١٩٦٣ع ۾ شايع ڪيا. منشورالوصيت فارسي جي ضميمن مان پهريون ضميمو جهوڪ جي جنگ متعلق ٻن اڻ ڇپيل خط فارسي ۾ آهن، جيڪي جهوڪ مان جنگ هلندي لکيا ويا. پهريون خط ميان يار محمد خدا يار خان ڪلهوڙي جو آهي، جيڪو پاڻ جهوڪ منجهان جنگ جي ميدان

---

(١) سيد حسام الدين راشدي، مقدمو منشورالوصيت، ص ٧

(٢) مولانا غلام رسول مهر، تاريخ سنڌ، عهد ڪلهوڙا، اردو، جلد ١، ص ٢٨٢-٢٨٣

مان هلندي، پنهنجي وليعهد ميان نور محمد ڪلهوڙي ڏانهن خدا آباد لکيو هو. ٻيو خط ملتان جي صوبيدار سيد حسين خان جي پٽ (؟) جي ڪارنامن بابت آهي، جي ڪارناما هن جهوڪ جي جنگ ۾ سرانجام ڏنا. ۽ ٽيون خط ميران سنگهه کتري ملتاني جو آهي. ميران سنگهه کتري جي خط جي فارسي تمام رنگين، ٻرپيچ ۽ گلڪاري واري آهي ۽ شاهه عنايت بابت به تمام سخت لفظ ڪم آندل آهن. هي خط جهوڪ جي ميدان جنگ مان لکيو ويو. هنن خطن ۾ جهوڪ جي جنگ جو سرسري ۽ سراسٽو نقشو چٽيل آهي ۽ عيني شاهدن جو پنهنجي هٿ اکرين سچو پچو احوال تحرير ٿيل آهي. راشدي صاحب انهن خطن جي باري ۾ لکي ٿو: اهي ٽيئي خط جنگ جي حقيقت، مغلن جي نيت ۽ واقعي جي نوعيت تي تفصيلي روشني وجهن ٿا. جنگ جي ستائع ڪيئن ٿي، ڪهڙي نموني مقابلا ۽ مجادلا ٿيا، ڪهڙن ماڻهن ڪهڙو نمايان ڪم ڪيو، ڪيستائين جنگ هلي ۽ ڪيئن انهيءَ حادثي جو انجام ۽ اختتام ٿيو؟ هنن خطن ۾ جو ڪجهه بيان ٿيل آهي، سو ٻي ڪنهن به تاريخ يا تحرير ۾ موجود ڪونه آهي. گويا اهي ٽيئي خط آهن، جيڪي جهوڪ واري حادثي متعلق اکين ڏٺو، صحيح ۽ سچو احوال ٻڌائين ٿا (۱)

جهوڪ جي جنگ جي صحيح تصوير، شاهه عنايت جي شهادت جي تحرير ۽ ٽنهي ناياب خطن جي اهميت جي پيش نظر، انهن فارسي خطن جو مفهوم ۽ مطلب سنڌي ۾ لکيو ويو آهي.

## (۱) ميان يارمحمد ڪلهوڙي واليءِ سنڌ جو خط (وفات ۱۱۳۱هه)

[ميان يار محمد خدا يار خان واليءِ سنڌ جو پنهنجي پٽ ميان نور محمد ڪلهوڙي ڏانهن خط، جيڪو ان وقت خدا آباد ۾ هو. هي خط جهوڪ جي جنگ جي ميدان مان لکيو ويو]

نورچشم ميان نور محمد، الله جي حفاظت ۾ هجو!

هي به اکر خير جي خبر جا قلم ذريعي لکجن ٿا. اڄ نواب اعظم خان جي رفاقت ۾ اٿل درياءَ کان ڪوچ ڪري، جهوڪ شاهه عنايت جي جاءِ تي پهتس.

جڏهن ته انهن قلعي جي چوڌاري اونهي کڏ کوٽي ڇڏي هئي، لنگهڻ جي جاءِ نه هئي. انهيءَ سبب ڪري لشڪر کي جهوڪ کان اڌ ڪوهه پري ترسايو ۽ رهايو ويو آهي.

جڏهن ته چنچر ڏينهن تاريخ ۱۷ ذوالقعد ۱۱۲۹ هجري تي سچو ڏينهن لشڪر سوار ۽ پيادن سميت کڏ، قلعي ۽ آسپاس جو گهيرو ڪيو ۽ تردد ٿي ڏيکاريو، ۽ فسادين کي به مقابلي جي همت نه رهي.

جڏهن آچر جي رات ٿي، فسادين جي سامهون سڀ لشڪر گهيرو ڪيو ويٺو هو. ان رات جو اڌ پوهون پهر هو ته فسادين جي فوج جا سترهن سؤ پيادا، جيڪي سڀئي فسادين جا روح روان هئا، سي راتاهي هڻڻ جي ارادي سان آيا: جيتوڻيڪ انهن لشڪر وارن اوزارن سميت پنهنجي وس مان ڪونه گهٽايو، مگر اسان جي جنگجو ۽ دلير جوانن انهن سان خوب مهاڏو ڏنو ۽ ان

---

(۱) سيد حسام الدين راشدي، مقدمو منشورالوصيت، ص ۸-۸

ڌرتيءَ گردش بند ڪئي. ڄاڪراڻي پڙهيل ڪونه هو، پر هن اکين سان ڏٺو ته ڌرتي گردش بند ڪئي.

چاچي خيروءَ جو ڪردار سنڌي ڪردارن جي نمائندگي ڪري ٿو. حالانڪ هن سڄي ڪهاڻيءَ ۾ هن جي باري ۾ صرف اها معلومات آهي جيڪا هن جي هٽ واري زندگيءَ سان واسطو رکي ٿي. هن جي گهر گهاٽ، اهل عيال يا ٻئي ڪنهن لڳ لاڳاپي جي ڪا به خبر ناهي، صرف هٽ تي ويهڻ ۽ پنهنجي سامهون هڪ ڪردار کي ٻالڪپڻي مان جوانيءَ جي حدن ۾ پهچڻ واري دور ۾ پهچندو ڏسڻ جي ڪهاڻي آهي، ته به اهو ڪردار اهڙو ته ڀرپور آهي جو ان جي آڌار تي مڪمل ناول لکي سگهجي ٿو، ڇو جو هي ڪردار سنڌ جي سماجي ۽ معاشرتي زندگيءَ جو نمائنده ڪردار آهي.



جڏهن آءٌ عدالت مان ٻاهر نڪرندس تہ منهنجي هٿ ۾ اوهان جو عطا ڪيل موت جو پروانو هوندو ۽ جڏهن اوهين هتان نڪرندا تہ اوهان جي هٿن ۾ "سچ" جي عدالت جا جاري ڪيل حيف ملامت جا پروانا هوندا. اوهان جي سياهڪاريءَ تي ڏاڍل فيصلا ۽ جيئن مون پنهنجي سزا قبول ڪئي آهي، تيئن اوهان کي بہ پنهنجي سزا قبول ڪرڻي پوندي. بهرحال، هي تہ اوس ٿيڻو ئي هو ۽---

--منهنجي خيال ۾ انعام بهتر ئي ٿيو آهي.

-- سقراط

"ڪهاڻيءَ جي معنيٰ هر ڪنهن پڙهندڙ لاءِ ڌار ڌار آهي. اها معنيٰ مڪمل طرح سان خود ڪهاڻيءَ ۾ نه هوندي آهي. گهڻو ڪري فڪشن جو ڪوءِ ڪارنامو ٻن پڙهندڙن لاءِ بلڪل ساڳي ڪهاڻي نٿو هجي، هر ڪو ان ۾ ڪجهه مختلف ڏسي ٿو. هو منجهس اهو ئي ڏسندو، جيڪو هن خود ۾ ڏسڻ جي اهليت هوندي. پڙهندڙن جي انهن مختلف ردعملن ۾ ايترو ته وڏو فرق هوندو آهي، جو ڪهاڻي هڪ شخص لاءِ بي معنيٰ ۽ ٻئي لاءِ تمام با معنيٰ هوندي آهي."

— ليآن سرميلين

چڙي ڏيندو هو. وڏيري ساڻ ڀيٽَ ٿي، ڳوٺاڻن جا گهربار تباهه ڪندو هو. هنن جي ليائين جي لڄ لٽيندو هو، مردن اڳيو هنن جي زالن جي بي عزتي ڪندو هو. وڏي ڳالهه ته هن جي پنهنجي قوم وارا سچ پچ ڏوهاري هوندا هئا ته به هنن کي چڙي ڏيندو هو ۽ انهن ڏوهن جو هني جي ماڻهن تي الزام هڻي، هنن کي ڪاٺ ۾ وجهندو هو. پنهنجي قوم وارن جي چڙهڻ تي هني جي ماڻهن کي ڏاڍو هيسايائين، هنن تي ڏاڍايون ڪيائين. نيٺ هني جي ماڻهن صلاح مصلحت ڪئي ته اٿين ته اسان جو پنهنجي ئي گهر ۾ جهڳڙو جهڙن ٿي ويندو، ان ڪري ڪٺ جي، رڻاهندي ڪري، هٿيار هٿ ڪيائون."

"پلا تو هن کي ڪڏهن ماريو؟"

"هينئر هينئر!"

"هينئر هينئر! ۽ ڪٿي؟"

"هن ڪهاڻيءَ ۾ جا هينئر لکي پوري ڪئي اٿر!"



گذر سفر، زراعت ۽ واپار، چرخو ۽ ڪرت، ٻيرون ملڪ واپار جي ڏس ۾ لنڪا، بصري، چين، عدن ۽ ٻور بندر جو ذڪر، وڻجارا ۽ ساموندي، تاريخي اشارا ۽ رمزون وغيره جهڙن عنوانن تي لکندي، جهانگيائي صاحب هر هنڌ پنائي صاحب جي بيتن کي حوالي طور ڪتب آڻي، پنهنجي ٿيسز ۽ ان جي عنوان سان نباهڻ جو وڏو جتن ڪيو آهي. جيتوڻيڪ همعصر ڏيهي شاعرن کي هن مطالعي ۾ ڪتب نه آندو ويو آهي، تڏهن به ڪٿي ڪٿي مين عنات جا بيت حوالي طور ڪتب آندا ويا آهن.

مجموعي طرح سان ڊاڪٽر جهانگيائي صاحب جو هي مقالو ”لطيفيات“ جي ضمن ۾ هڪ اهم واڌارو تصور ڪيو ويندو. بهرحال باب پهرين، جنهن ۾ لطيف جي دور جو سياسي اپٽاس ڪيو ويو آهي، سو خبر نه آهي ته مواد جي هوندي به اڻپورو ۽ نامڪمل ڇو رهجي ويو آهي؟ جهانگيائي صاحب جي آڏو مولانا غلام رسول مهر جو پورهيو به موجود هو، پوءِ به ڊاڪٽر ڪري انگريز مصنفن جي فرسوده ۽ رد ٿيل راين کي وري وري ڪتب آندو ويو آهي. سنڌ ۾ مغل دور جي شباب ۽ زوال توڙي ڪلهوڙن جي سياسي جدوجهد، اقتدار ۾ اچڻ ۽ سندن خاتمي جهڙن عنوانن بابت وڌيڪ سنجيدگي ۽ ڏاهپ سان لکڻ جي ضرورت هئي ارمان آهي جو ڪلهوڙا جڏهن پاور ۾ آيا، تڏهن سندن هٿان ڪجهه معتبر سنڌي ماڻهو مارجي ويا، ان ڪري بعد جي سنڌي مصنفن پوري هڪ صديءَ جي جدوجهد، قربانين ۽ ڇڙن نسلن تائين خون جو بليدان ڏيڻ جي باوجود به هن خاندان جي تاريخي معتبري ۽ حيثيت کي گهٽ اهميت ڏني. ڊاڪٽر جهانگيائي به ان اثر هيٺ ڏسجي ٿو. مثال طور هن صاحب، ميان شاهل محمد جي مارجڻ کي، ابڙن ۽ سانگين جي معرڪن جي پس منظر ۾ ڏيکاريو آهي (ص ٩٤). شاهل محمد، آدم شاهه ۽ دين محمد — ڪلهوڙن جي هڪ صديءَ جي جدوجهد جا اهم اهڃاڻ آهن ۽ انهن جي قربانين آخرڪار مغل شاهيءَ کي سنڌ مان لڙ پٽڻ تي مجبور ڪيو. ڪلهوڙن جو پهريون حاڪم ميان يار محمد کي ڏيکاريو ويو آهي، جڏهن ته مولانا مهر موجب هن خاندان جو باني حاڪم ميان نصير محمد آهي (جلد ١، ص ١٤٨).

سياسي مطالعي ۾ تشنگيءَ کان علاوه ڪجهه پيون به اهم غلطيون هن ٿيسز ۾ ڏسجن ٿيون، جن کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي. برٽن ۽ ڊاڪٽر سورلي جي حوالي سان لکيو ويو آهي ته ”نورنامو“ ابوالهاشم جي تصنيف آهي (ص ٥). حقيقت ۾ برٽن صاف صاف لکيو آهي ته هي ڪتاب عبدالرحمان نالي هڪ بزرگ تحرير ڪيو هو (انگريزي ايڊيشن، ص ١٣٥). هڪ طرف شاهه لطيف جي ذڪر ۾ صحيح عيسوي سن ڏنا ويا آهن، ته ٻئي طرف ڪلهوڙا حاڪمن جو ذڪر ڪندي هيوز، اينڪن، سورلي ۽ سمت جي ڏنل سالن تي ڀروسو ڪيو ويو آهي. مولانا مهر موجب ميان نور محمد ڪلهوڙي ٩- ڊسمبر ١٧٥٣ع تي وفات ڪئي هئي (جلد اول، ص ١٦٥)، جڏهن ته ڊاڪٽر جهانگيائي سن ١٧٥٥ع ڏنو آهي (ص ١٠١). فاضل مقاله نگار جا هي رايا ته شاهه جي زماني ۾، سنڌي زبان هڪ لهجي (Dialect) جي شڪل

سنڌ ڌرتي قديم تاريخي ماڳن، مڪانن، آثارن ۽ اهڃاڻن سان مالامال آهي. پنهنجي قديم تاريخي ۽ ثقافتي ورثي سان جهنجهي ٻئي آهي ۽ دنيا ڀر مشهور آهي. موهن جي دڙي کان وٺي آمري، چانهو، ڪاهو جو دڙو، اروڙ، ٻکر، سيوهڻ، ٺٽو وغيره ۽ ٻيا ڪئين آثار مشهور آهن. تنهن کان سواءِ سنڌ اندر ڪيترا تاريخي تخت‌گاهه، قلعا، وسنديون ۽ واهڻ سنڌ جي عظمت جا اهڃاڻ آهن.

سردست محترمه تنوير جوڻيجو جو لکيل ڪتاب ”سنڌ اندر قديم آثارن وارا ماڳ“ ان سلسلي جي شاهدي ۽ دستاويز آهي، جنهن ۾ قديم دور کان وٺي انگريزن جي دور تائين جو جائزو ورتل آهي. ڏسجي ائين ٿو ته ڪتاب ۾ آيل ماڳن ۽ آثارن کي روبرو ڏسي پيش ڪيو نه ويو آهي، البت گهڻن ڪتابن جي ورق گرداني ڪري انهن ماڳن ۽ مڪانن، پڙن ۽ قلعن وغيره جي نشاندهي ڪري، مواد کي هڪ هنڌ ميڙي چونڊي يڪجا ڪيو ويو آهي

هن ڪتاب ۾ ڇهه باب آيل ٿا ڏسجن، جن ۾ مواد جي ورهاست هن طرح آهي: (۱) سنڌو ماٿري ۾ تاريخ کان اڳ وارا دور (۲) سنڌو ماٿر ۾ تاريخ کان اڳ واريون ثقافتون (۳) سنڌ جا تاريخ کان اڳ وارا ماڳ (۴) سنڌ جا ڪي تاريخي آثار (۵) انگريزن جي دور ۾ اڏيل ڪي تاريخي آثار (۶) سنڌ ۾ آثار قديمه بابت صورتحال. وري انهن بابن جي اندر ڪيترن ننڍن ننڍن عنوانن سان مواد جي ورڇ ڪري انهن جو مختصر تت ۽ جائزو ڏنو ويو آهي. هن مان پتو پوي ٿو ته هن ننڍي ڪتاب ۾ مواد گهڻو ڏنو ويو آهي. هي سنڌ اندر قديم آثارن جي ماڳن بابت انفرادي محنت آهي، جنهن لاءِ محترمه تنوير جوڻيجو ڪيرون لهڻي، پر ان سلسلي ۾ اجتماعي ڪوشش ٿيڻ کپي. هونءَ به تحقيق جو ڪم تمام ڪٺن ۽ اڻ ورچ ٿيندو آهي. اميد ته محترمه تنوير جوڻيجو جي هن ڪتاب کان پوءِ ٻيا محقق به هن کوجنا واري ڪم کي اڳتي وڌائي، سنڌ جي سيني آثارن ۽ اهڃاڻن کي ادبي ميدان ۾ روشناس ڪرائيندا.

بهرحال هي ڪتاب سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت ۾ روشني جو هڪ ڪرڻو آهي ۽ هر لائبريري جي سونهن ثابت ٿيندو. ڪتاب جو سرورق به تمام سٺو سادو ۽ آثار قديمه جي ڪن ماڳن سان سينگاريل آهي. ڪتاب جي آخر ۾ حوالي جي ڪتابن جي ببليوگرافي پڻ آيل آهي. جيڪڏهن ڪتاب ۾ اندر ڪن چونڊ تاريخي ماڳن جون تصويرون شامل هجن ها ته ڪتاب ۾ اڃا به وڌيڪ زياده دلچسپي پيدا ٿئي ها.

— عبدالرسول قادري بلوچ

مذهب، شخصيت، ادبي خدمتون، حامي صاحب جي شاعري بابت اسان کي ڀرپور ڄاڻ ڏئي ٿو. محمد علي حداد مختلف ڪچهرين يا فنڪشنس ۾ ٿيل حاميءَ بابت دلچسپ ڳالهيون به لکيون آهن، جن مان خبر پوي ٿي ته حامي صاحب ڪيترو نه زنده دل ۽ دلچسپ طبيعت جو مالڪ هو.

حاميءَ جي ڪلام ۾ محبت، ايڪي، اتحاد ۽ همدرديءَ جا جذبا سمايل آهن. هن جي مذهب ۾ نفرت ۽ حسد حرام آهي. اهوئي سبب آهي جو هو هميشه هرڪنهن سان مٺڙن لفظن ۾ مخاطب ٿيندو هو. هن کان دنيا جا سڀ سوز وسري ويا، پر محبت ۽ وفا جا غم ڪڏهن نه وسريا:

سمورا سوز دنيا جا ويا ڪافور ٿي "حامي"،
مگر مون کان محبت جا، وفا جا غم نتا وسرن.

حاميءَ جي نظر ۾ انسان جي سڃاڻپ ئي محبت سان آهي:

محبت سان ئي سچ پچ آدمي انسان ٿيندو آ،
محبت جنهن ۾ ڪين آهي اهو حيوان ٿيندو آ.

هوئي سبب آهي جو حامي صاحب کي انهن کان چيڙ هئي، جن کي نينهن جي ناتي جي سڃاڻپ نه هئي، باقي قرب وارن جو ته هو خاص غلام هو:

نينهن جو ناتو جن نه سڃاتو، پير نه تن وٽ حاميءَ پاتو،
قرب محبت وارن آڏو پاڻ اچي هٿ جوڙي ٿو.

ان کان سواءِ ٻيا ڪيترائي اهڙا شعر "حاميءَ جي ڪلام" ۾ موجود آهن، جن جي پڙهڻ سان دل ساراهه کان سواءِ رهي نه سگهندي. هونءَ ته سندس ڪلام ۾ هر رنگ موجود آهي، پر محبت جو رنگ هر هنڌ نمايان نظر ايندو. تڏي جو مڙس ماڻهو هو، دشمن لاءِ به وڏيءَ دل سان دسترخوان وڇائيندو هو:

خبر ڪهڙي ڏيان اي دوست "حاميءَ" وٽ هلي ڏس تون،
تڏي تي دل جي دشمن تان به هو قربان ٿيندو آ.

اڄ حامي، ظاهر طرح اسان کان دور آهي، پر هن جون محبتون سدائين دل ۾ سمايون رهنديون. هو ماڻهوئي اهڙو هو جو شايد ڪنهن کان وسري سگهي:

حامي ٿيا مون دور نظر کان ته ڇا ٿيو،
دل کان اسان کي دور رکي ڪير ٿو سگهي.

مجموعي طور تي ڪتاب "حاميءَ جو ڪلام" نه صرف حاميءَ جي ڪلام جو مجموعو آهي، پر سندس حياتيءَ جي مختلف پهلوئن جو ان ۾ تفصيل سان ذڪر ڏنل آهي، جنهنڪري هن ڪتاب جي سنڌي ادب ۾ هڪ وڏي اهميت آهي. ههڙي بهترين ڪتاب جو هر علم دوست جي ڪتب خاني ۾ هجڻ ضروري آهي.

-ادل سومرو

ڪان وٺي ”دنگيءَ منجهه دريا“ جي سفرنامن جي سلسلي تائين، الطاف ڪهاڻيون ۽ ڪهاڻين جا ترجما به ڪيا آهن، پر سنڌي ادب جي ميدان ۾ جيڪو مجموعي اثر سندس سفرنامن جو ٿيو آهي، اهو ٻيءَ ڪنهن صنف ۾ شايد نه ٿيو هجي. سندس سفرناما پڙهڻ سان عام پڙهندڙن ۾ نه رڳو پڙهڻ لاءِ چاهه جاڳيو آهي، پر پرڏيهه جي سفر ڪرڻ جو شوق به جاڳيو آهي ته سفرنامو لکڻ لاءِ به آماده ڪيو آهي، جنهن جو مثال اسان پنهنجي ادب ۾ مختلف نالن سان مختلف سفرناما پسي سگهون ٿا. انهيءَ لحاظ کان الطاف نه رڳو پنهنجي سفر جي ذاتي تجربن ۽ واقعن کي قلمبند ڪيو آهي، پر سنڌي ادب جا پڙهندڙ ۽ سنڌي ادب جا لکندڙ پڻ پيدا ڪيا اٿس. اهو ڪارنامو هن وڏيو جي دور ۾ جڏهن ادب جا پڙهندڙ گهٽبا وڃن، نهايت ئي ساراهه جوڳو آهي.

الطاف جو هيءُ ڪتاب ”دنگيءَ منجهه دريا“ ٢٦ جدا جدا مضمونن تي ٻڌل آهي، جيڪي هندستان، بئنڪاڪ، منڊاگاسڪر، جپان، اسپين، انگلينڊ، ملائيشيا، فجي، سينگاپور، فرانس، آمريڪا ۽ سنڌ جي پس منظر ۾ لکيل آهن. هي ڪتاب باقاعدي سفرنامو ناهي، پر سفر جي دوران يا انهن هنڌن تي هجڻ جي دوران، اتان جي ڪن واقعن کي قلمبند ڪيو اٿس، جيڪي اتان جي روزمره جي زندگيءَ مان کنيل آهن يا ساڻس پيش آيا آهن. هن ڪتاب جي ڪن مضمونن ۾ ملڪن جي معلومات ڏنل آهي، جيڪا جاگرافيائي ۽ سماجي، اقتصادي پس منظر ۾ آهي يا وري جهازراني بابت معلومات ڏنل آهي. تنهنڪري هن ڪتاب ۾ باقاعدي ترتيب ۽ تسلسل جي بدران هلڪين ڦلڪين ڳالهين جو ذڪر جابجا ملندو.

الطاف جي ڪتابن جي اڀياس مان لڳي ٿو ته سندس شروعاتي سفرناما سفر سان وڌيڪ ڀريل هوندا هئا، جن ۾ ’سفر‘ به هو ته ’Suffer‘ پڻ. انهيءَ جو ڪارڻ شايد اهو هو جو هو مسلسل سفر ۾ رهيو ۽ هاڻي جيئن ته Stationed Life گذاري ٿو، تنهنڪري مشاهدي لاءِ محدود افق هئڻ ڪري قلم کي ڪئنواس نٿو ملِيس. بهرحال سندس ڪتاب بنا روڪ هر ٽئين مهيني ڇپجي پڌرا ٿيندا رهن ٿا. اهو سندس لکڻ لاءِ موهه آهي، جيڪو پڙهندڙن جي ذوق جو پورائو ڪندو رهندو ۽ سنڌي ادب ۾ سفرنامن جي صنف کي مالامال ڪندو رهندو.

١٨٩ صفحن تي مشتمل ”دنگيءَ منجهه دريا“ جو مهاڳ ’ماڊرن ملاح‘ جي عنوان سان نصير مرزا لکيو آهي. ڊيمي سائيز جي هن ڪتاب جو پبلشر نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد آهي ۽ ملهه ٽيهه رپيا آهي.

- ولي رام ولڀ

دلبرا هن دنيا ۾، وڃي رهندو واس.
(ڀٽائي رحه)




جناب اي. ڪي. بروهي

ولادت:
٢٤ - ڊسمبر ١٩١٥ع

وفات:
١٣ - سيپٽمبر ١٩٨٧ع

مرحوم ان کان پوءِ بہ ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ "روح جي ڳولا"، "سپون"، "آسڪروائلڊ جا خط" ۽ ٻيا بہ ڪيترا ڪتاب شامل آهن، جن کي ٻڻ عوام ۽ خواص ۾ گهڻي مقبوليت حاصل ٿي. انهن ڪتابن کان سواءِ مرحوم سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ گهڻا مضمون لکيا، جيڪي پڙهندڙن طرفان بيحد پسند ڪيا ويا.

ڀڳاڻي مرحوم نثر سان گڏوگڏ نظم ۾ بہ طبع آزمائي ڪئي ۽ پنهنجا طبع زاد شعر ۽ نظم لکيا. انهن کان سواءِ شيڪسپير جي نظمن جو سنڌي نظم ۾ ترجمو ڪيو، جيڪي تازو "مهراڻ" رسالي ۾ ڇپجي چڪا آهن. مرحوم کي سنڌس ترجمو ڪيل ڪتابن جي ڪري تمام گهڻي شهرت حاصل ٿي، انهيءَ کان سواءِ سندس طبع زاد ڪتابن کي بہ گهڻو پسند ڪيو ويو.

سندس آخري ڪتاب "اڳي اُئين هياس"، جيڪو ٻن حصن ۾ شايع ٿيو آهي، جو سندس لنڊيڻ جي يادن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ پنهنجي لنڊيڻ جون يادون، انهيءَ وقت جو ماحول، اهم ۽ دلچسپ واقعا، اهم شخصيتن سان ملاقاتون، انهيءَ دور جون اقتصادي، مذهبي ۽ سماجي حالتون، هندو مسلمان جو پاڻ ۾ ميل جول، ڪاروبار، گهريلو ٽوٽڪا، سنڌ جون تعليمي حالتون ۽ ٻيا بہ ڪيترا دلچسپ ۽ اهم واقعا تمام دلچسپ انداز ۾ تحرير ڪيا آهن، جيڪي پڙهندڙن لاءِ دلچسپي سان گڏوگڏ معلومات ۾ ٻڻ اضافو ڪن ٿا. انهيءَ ڪتاب "اڳي اُئين هياس" (ٻہ حصا) کي ٻڻ دانشورن، اديبن ۽ عام پڙهندڙن تمام گهڻو ساراهيو ۽ پسند ڪيو. انهيءَ کانسواءِ مرحوم جا ٻيا بہ ڪيترا ڪتاب اڻڇپيل صورت ۾ موجود آهن، جن کي شايع ڪري سنڌي ادب ۾ واڌارو ڪري سگهجي ٿو.

فضل احمد مرحوم کي لکڻ سان گڏوگڏ مطالعي جو ٻڻ گهڻو شوق هوندو هو، جنهنڪري سندس ڄاڻ ۽ معلومات تمام وسيع هوندي هئي.

ڪجهہ وقت اڳ پاڻ ٽنڊو الهيار ۾ هتي جي اديبن ۽ شاعرن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري هڪ ادبي انجمن ناهڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر ڪن مجبورين ۽ هتي جي اديبن جي تعاون نہ هئڻ ڪري اها ٿي نہ سگهي. جنهن کان پوءِ مرحوم روزانہ شام جو راقم الحروف جي دوڪان تي ايندو هو، جتي روزانہ ادبي ۽ نيم ادبي ڪچهريون ۽ علمي بحث ٿيندا هئا، جنهن ۾ سنڌ نامور اديب سائين ولي محمد طاهرزاده صاحب، ماستر سائين بخش بوزدار، محمد دائود بوزدار، راقم الحروف ۽ ٻيا ادبي ذوق رکندڙ دوست شامل ٿيندا هئا.

اڄ فضل احمد ڀڳاڻي مرحوم هن دنيا ۾ موجود نہ آهي، پر سندس لکڻيون، ڪتاب ۽ سندس ڳالهيون دوستن، عزيزن ۽ پڙهندڙن جي دلين ۾ موجود آهن ۽ رهنديون. مرحوم پنهنجي پويان هڪ بيوه، ٽي نياڻيون ۽ ٽي پٽ غمگين ڇڏيا آهن. بارگاهہ الاهي ۾ دعا آهي تہ ڌڻي تعاليٰ کيس جنت الفردوس عطا ڪري ۽ پوئيرن کي صبر جي توفيق ڏي.

۔شوڪت حسين ميمڻ

# سليم "ڳاڙهوي"

سنڌي زبان جي ممتاز، قادرالڪلام ۽ ڪهنه مشق شاعر جناب "سليم" ڳاڙهوي جي وفات جي ڏکدائڪ خبر سنڌي علمي حلقن ۾ نهايت ارمان سان پڙهي ويئي. هن صاحب ٤- سيپٽمبر ١٩٨٧ع/١٠- محرم ١٤٠٨هه تي حرڪت قلب بند ٿيڻ سبب جناح هاسپيٽل ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي، جتي علاج لاءِ ويل هو.

محترم سليم ڳاڙهوي جو جنم ١٥- مارچ ١٩٢٥ع تي ڳوٺ ڳاڙهي، ضلعي خيرپور ميرس ۾ ٿيو. شاعريءَ جو شوق اسڪولي زندگيءَ کان شروع ٿيو. ننڍپڻ ۾ سندس همر ڪلاسي سندس شعرگوئي کان حيرت ۾ پئجي ويندا هئا. باقاعده موزون شاعريءَ جو دور ١٩٤٧ع کان شروع ٿيو. هن ڏس ۾ مشهور معروف سنڌي ادبي رسالي "اديب سنڌ" سندس ڪافي رهنمائي ڪئي. ان رسالي ۾ استاد شاعرن جا ڪلام پڙهي هنئين سان هنڊائيندو هو. ۽ اڳتي هلي سنڌي زبان جي هڪ برک ۽ مڃيل شاعر جو مقام حاصل ڪيائين. سليم صاحب شاعريءَ جي سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي ۽ سڀني سان هڪ جيترو انصاف ڪيو اٿس. سندس ڀاڄهارو شعر "مهراڻ" ۽ سنڌ جي سڀني رسالن ۾ شايع ٿيندو رهيو آهي.

سليم صاحب جي شاعرانه فن تي تبصرو ڪندي، جناب مولانا غلام محمد گرامي لکن ٿا:
"محترم سليم ڳاڙهوي پنهنجي دلنشين ۽ شيرين فن جي حيثيت سان ادبي دنيا ۾ وڏو مقام حاصل ڪري چڪو آهي. سندس شاعري، پختگيءَ ۽ عمدگيءَ جو هڪ سهڻو مثال آهي. هڪ قادرالڪلام شاعر ۽ استادِ سخن جي حيثيت سان سندس ڪلام، سنڌي زبان جي سڀني موقر رسالن ۾ شايع ٿيندو آيو آهي..."

محترم سليم ڳاڙهوي ذاتي طرح گوشه نشين بزرگ هو. سڄي زندگي نهٺائي، ڪم گوئي ۽ پرهيزگاري سان بسر ڪيائين. سندس خاندان، شرافت ۽ پاڪيزگي سببان فقيرن جو گهرائو سڏبو آهي. مرحوم هڪ سچاڻ باغبان هو. ڳوٺ ۾ هڪ رونقدار باغ جي سنڀال ۽ مطالع ۽ شعرو شاعري سندس مشغلا رهيا صوم و صلوات جو پابند ۽ نهايت متقي انسان هو.

ڳاڙهي ۾ "بزمِ سليم" نالي سندس دوستن ۽ شاگردن هڪ علمي محفل قائم ڪئي، جنهن وسيلي ڪيترن ئي نوآموز شاعرن جي فني تربيت ڪيائين ۽ علمي مجلسن جي آبياري ڪيائين. سندس هڪ شاگرد، محترم حليم سنڌي، سندس وفات تي جيڪي تاثرات منظوم ڪيا آهن، سي پيش ڪجن ٿا.

— اسد الله "اسد" سومرو



سنڌ جي سدا حيات عظيم صوفي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي
٢٤٣ عرس شريف جي موقعي تي جناب محمد خان جوڻيجو، وزير اعظم پاڪستان،
جناب اشرف تاباني گورنر سنڌ ۽ جناب سيد غوث علي شاهه، وزير اعلي سنڌ، مزار
تي چادر چاڙهي رهيا آهن.